**Government of Sindh**
**School Education and Literacy Department**
Karachi, dated: November, 02 2018

# Notification

**NO: SO (G.III) SELD/3-910/18:** In compliance to Sindh School Education Standards and Curriculum Act No. IX of 2015, the School Education and Literacy Department Government of Sindh is pleased to approve "Urdu and Sindhi Curriculum for grade I-V (2018)" developed by the Directorate of Curriculum, Assessment & Research, technically supported by the Pakistan Reading Project.

(-QAZI SHAHID PERVEZ-)
SECRETARY TO GOVERNMENT OF SINDH

**NO: SO (G.III) SELD/3-910 /18:** Karachi, dated: 02 November, 2018

A copy is forward for information & necessary action to:-

The Principal Secretary to Chief Minister, Sindh
The Special Secretary, School Education Department, Govt. of Sindh, Karachi
The Directorate for Curriculum, Assessment and Research (DCAR) SE&LD, GoS, Jamshoro
The Directorate for Early Childhood Care & Education, Govt of Sindh, Karachi
The Executive Director, Sindh Teacher Education Department Authority (STEDA)
The Chief Program Manager, RSU, SE&LD, Govt. of Sindh, Karachi
The Director General PITE, Government of Sindh, Shaheed Benazirabad
The Chairman, Sindh Textbook Board, Government of Sindh, Jamshoro
The Head of Curriculum Wing, Government of Sindh, Karachi
The Director General/Directors (all) School Education and Literacy Department, GoS.
Mr. Anjum Pervaiz, Hed of Office Sindh,Pakistan Reading Project
Mr. Aamir Latif Siddiqui, Senior Coordinator Policy & System, Pakistan Reading Project
The Deputy Secretary (Staff) to Chief Secretary Sindh, Karachi
The P.S to Minster, Education and Literacy, Govt. of Sindh, Karachi
The P.S to Secretary, School Education and Literacy Department, Govt. of Sindh, Karachi
The P.A to Additional Secretary(All) School Education Department, Govt. of Sindh, Karachi
The In-charge, Website, School Education Department, Govt. of Sindh, Karachi.

SINDH EDUCATION & LITERACY DEPARTMENT

02/11/2018
QASIM ABBASI
SECTION OFFICER (G-III)

Scanned by CamScanner

حڪومت سنڌ

اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو.

# سنڌي ٻوليءَ جو نصاب

## پهرئين کان پنجين درجي تائين

2018

اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ، ڄامشورو

Directorate of Curriculum, Assessment and Research (DCAR) Sindh, Jamshoro

# پيش لفظ

نصاب جي تشڪيل هڪ مسلسل عمل آهي، جيڪڏهن اسان ڪي موجوده ترقيءَ واري دؤر سان گڏ هلڻو آهي ته نصاب جي تشڪيل جو عمل جاري رهڻ گهرجي. ايڪهين صديءَ ۾ تيزيءَ سان ايندڙ تبديلين سبب علمي ميدان ۾ به ڪيتريون ئي اڳڀرائيون ٿيون آهن. جن کي ايندڙ نسلن تائين پهچائڻ جي ضرورت آهي.

پاڪستان ۾ نصابي سڌارن جي شروعات 2005 کان ڪئي وئي. 07-2006 ۾ ٻاراڻي ابتدائي تعليم (ECE) کان ٻارهين درجي تائين نصاب ۾ گهربل تبديليون آڻي، لاڳو ڪيو ويو. گذريل سالن ۾ ان نصاب کي درسي ڪتابن، استادن جي تربيت ۽ امتحاني عمل ذريعي شاگردن تائين پهچايو ويو. 2010ع ۾ 1973ع جي آئين ۾ ارڙهين ترميم آندي وئي، جنهن جي نتيجي ۾ تعليم سميت ٻين ڪيترن ئي شعبن کي مڪمل طور صوبن جي حوالي ڪيو ويو.

سنڌ صوبي ۾ نصاب جوڙڻ جي عمل کي اڳتي وڌائڻ لاءِ DCAR کي ذميواري سونپي وئي آهي، جنهن 2006ع جي نصاب جو جائزو وٺي، ان ۾ گهربل تبديلين جو عمل شروع ڪيو آهي. پهرئين مرحلي ۾ پرائمري سطح جي نصاب کي، انهيءَ عمل تحت سڌاريو پيو وڃي. سنڌ جي تعليم ۽ خواندگيءَ واري کاتي پاران موجوده نصاب تي نظرثانيءَ لاءِ لاڳاپيل ماهرن ۽ استادن جون ڪاميٽيون جوڙيون ويون آهن. جن جي گڏيل صلاح، مشورن، محنت ۽ دلچسپيءَ سان مختلف مضمونن جا نصابي مسودا تيار ڪيا پيا وڃن ان سلسلي ۾ سنڌ جي تعليم کاتي پاران منظور ڪيل صوبائي نصاب ڪاميٽيءَ ابتدائي ڪلاسن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو مسودو تيار ڪيو ۽ ماهرن پاران انهيءَ تي نظرثاني پڻ ڪئي وئي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي نصاب کي 2006ع وارن معيارن (Standards) جي بنياد تي جوڙيو ويو هو. ان ۾ ٻوليءَ جي مهارتن جن ۾ ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ کان سواءِ تقرير، تخليقي تحرير، زبان شناسي ۽ زندگيءَ جي مهارتن کي به لاڳاپيل معيارن موجب شامل ڪيو ويو هو. گذريل سالن ۾ چالو نصاب کي لاڳو ڪرڻ کان پوءِ محسوس ڪيو ويو ته ان کي استادن، شاگردن ۽ درسي ڪتاب لکندڙن لاءِ وڌيڪ سَوَلو بڻائڻ جي گهرج آهي. ۽ نصاب سنڌ حڪومت جي تعليم کاتي پاران 2015ع ۾ جوڙيل پڙهڻ جي معيارن (Reading Standards) سان هم آهنگ هجڻ گهرجي. نصاب ۾ اهڙن مضمونن ۽ عنوانن کي به شامل ڪجي، جن سان شاگردن ۾ رواداري، انساني حقن جي پاسداري، ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال، ڪرپشن کان نفرت ۽ جمهوري رَوَين سان لڳاءُ پيدا ٿي سگهي، ته جيئن اُهي سماج ۾ هڪ بهتر پاڪستانيءَ جي حيثيت سان، سگهارو ڪردار ادا ڪري سگهن.

سنڌي ٻوليءَ جي نصاب 2018ع جون خاص خوبيون هيٺ ڏجن ٿيون:

- هن نصاب جو ڍانچو، ٻين مضمونن سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي. ان ۾ هر معيار موجب (Standards)، مرحليوار حدن (Benchmarks) ۽ سکيا جي حاصلات (Learning Objectives) جو واڌارو ڪيو ويو آهي ته جيئن ان کي پڙهڻ ۽ استعمال ڪرڻ ۾ آساني پيدا ٿئي.
- پهرئين کان پنجين درجي جي شاگردن لاءِ به تقرير، پسنديدگي ۽ تنقيد وارين صلاحيتن جا معيار مقرر ڪري، انهن کي ’مرحليوار حد‘ ۽ ’سکيا جي حاصلات‘ ۾ ورهايو ويو آهي، جيڪي 2006ع جي نصاب جو حصو نه هئا.
- سنڌي ٻوليءَ جي سيني مهارتن جي ’سکيا جي حاصلات‘ جو جائزو وٺي، انهن کي هڪٻئي سان هم آهنگ ڪيو ويو آهي. جو ته ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ جي عملن کي هڪٻئي کان الڳ ڪري، ٻوليءَ جي سکيا جي مقصدن کي حاصل نه ٿو ڪري سگهجي.

- پڙهڻ جي معيارن Reading Standards کي به نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
- نصاب ۾ نظم ۽ نثر جا درجيوار عنوان به ڏنا ويا آهن، ته جيئن ليکڪن، استادن ۽ شاگردن کي سهولت ٿئي.
- درسي ڪتابن جي تياريءَ لاءِ تفصيلي ۽ عمل جوڳيون سفارشون ترتيب ڏنيون ويون آهن ته جيئن ليکڪ ۽ نظرثاني ڪندڙ ان مان رهنمائي حاصل ڪري سگهن.
- استادن لاءِ جديد تدريسي مهارتن ۽ ٽيڪنڪس کي به نصاب جو حصو بڻايو ويو آهي.
- روزمره جي مهارتن جي حوالي سان روزاني زندگيءَ سان لاڳاپيل موضوعن ۽ سکيا جي حاصلات کي نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
- جاچ ۽ جائزي جي اهميت کي نظر ۾ رکندي، ليکڪن ۽ استادن جي رهنمائيءَ لاءِ جائزي بابت مواد نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي ته جيئن ٻوليءَ جي مهارتن کي درست انداز سان پرکي سگهجي.
- شاگردن جي تخليقي ۽ تنقيدي صلاحيتن کي اپارڻ ۽ اجاگر ڪرڻ لاءِ 'سکيا جي حاصلات' ۽ 'سرگرمين' کي نصاب جو حصو بڻايو ويو آهي.

اميد ته ليکڪ ۽ لاڳاپيل ادارا، هن نصاب جي روح مطابق، درسي ڪتابن جي تياري ۽ گهربل مواد تيار ڪندا. اهڙيءَ طرح استادن جي تربيتي ادارن، وس وارن ۽ امتحان وٺندڙن مان به اميد ڪئي وڃي ٿي ته سنڌي ٻوليءَ جي جديد تقاضائن، هدايتن ۽ سفارشن موجب پنهنجي پنهنجي ادارن جي دائره ڪار ۾ ضروري تبديليون ڪندا ته جيئن نصاب جي اصل روح موجب شاگردن جي تعليم ۽ تربيت ممڪن بنائي سگهجي.

ادارو، ڪاميٽيءَ جي چيئرمين، ميمبرن ۽ ٻين ادارن ۽ انهن سڀني فردن جو ٿورائتو آهي، جن جي تعاون ۽ ڪوشش سان هيءُ نصاب تيار ٿيو. اميد ته هن نصاب کي عمل ۾ آڻڻ دوران به تعاون جاري رهندو. آخر ۾ سڀني لاڳاپيل ادارن ۽ فردن کي گذارش ڪجي ٿي ته نصاب کي وڌيڪ بهتر بنائڻ لاءِ اداري کي پنهنجين تجويزن ۽ مشورن کان ضرور آگاهه ڪندا.

**پاران:**

اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق سنڌ،
ڄامشورو

# فهرست


**مادري زبان طور سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جي اهميت** ........ **6**

**سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جا بنيادي هدف** ........ **8**

**عام هدف** ........ **8**

**خاص هدف** ........ **9**

**ابتدائي سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جا مقصد** ........ **10**

**سنڌي ٻوليءَ جون مهارتون** ........ **11**

**پهريون درجو** (GRADE-I) ........ **12**

ٻڌڻ Listening ........ 12

ڳالهائڻ Speaking ........ 13

پڙهڻ Reading ........ 14

لکڻ Writing ........ 16

تقرير Speech ........ 17

تخليقي تحرير Creative Writing ........ 18

زبان شناسي Language Cognition ........ 19

پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism ........ 20

زندگيءَ جون مهارتون Life Skills ........ 21

**درجو ٻيو** (GRADE-II) ........ **22**

ٻڌڻ Listening ........ 22

ڳالهائڻ Speaking ........ 23

پڙهڻ Reading ........ 24

لکڻ Writting ........ 25

تقرير Speech ........ 26

تخليقي تحرير Creative Writing ........ 27

زبان شناسي Language Cognition ........ 28

پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism ........ 29

زندگيءَ جون مهارتون Life Skills ........ 30

**درجو ٽيون** (GRADE-III) ........ **31**

ٻڌڻ Competency: Listening ........ 31

ڳالهائڻ Speaking ........ 32

پڙهڻ Reading ........ 33

لکڻ Writing ........ 34

تقرير Speech ........ 35

تخليقي تحرير Creative Writing ........ 36

زبان شناسي Language Cognition ........ 37

پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism ........ 38

زندگيءَ جون مهارتون Life Skills ........ 39

**درجو چوٿون (Grade-IV) ........ 40**
ٻڌڻ Listening ........ 40
ڳالهائڻ Speaking ........ 41
پڙهڻ Reading ........ 42
لکڻ Writting ........ 44
تقرير Speech ........ 45
تخليقي تحرير Creative Writing ........ 46
زبان شناسي Language Cognition ........ 47
پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism ........ 48
زندگيءَ جون مهارتون Life Skills ........ 49
**درجو پنجون (Grade-V) ........ 50**
ٻڌڻ Listening ........ 50
ڳالهائڻ Speaking ........ 51
پڙهڻ Reading ........ 52
لکڻ Writting ........ 53
تقرير Speech ........ 54
تخليقي تحرير Creative Writing ........ 55
زبان شناسي Language Cognition ........ 56
پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism ........ 57
زندگيءَ جون مهارتون Life Skills ........ 58
**پهرئين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان ........ 59**
**ٻئي درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان ........ 60**
**ٽئين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان ........ 61**
**چوٿين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان ........ 62**
**پنجين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان ........ 64**
**درسي ڪتابن جي تياري ........ 66**
**تجويز ڪيل تدريسي حڪمت عمليون (TEACHING STRATEGIES) ........ 68**
**تدريسي مددي شيون ........ 73**
**استادن جو رهبر ........ 75**
**جائزي لاءِ حڪمت عمليون(ASSESSMENT STRATEGIES) ........ 76**
**سنڌي ٻوليءَ جي نصاب (پهرئين ڪان پنجين ڪلاس تائين) ۽ درسي ڪتابن جي جائزي واري ماهرن جي ڪاميٽي ........ 78**

## مادري زبان طور سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جي اهميت

ڪنهن ٻوليءَ جي اهميت جو اندازو انهيءَ ڳالهه مان لڳائي سگهجي ٿو تہ اها ڪيتري پراڻي ۽ شاهوڪار آهي. ان ۾ علمي ۽ ادبي زبان بڻجڻ جي ڪيتري صلاحيت آهي. ماڻهن جو ڪيترو تعداد ان کي پنهنجيءَ سوچ، گفتگو، تحرير ۽ تعليم جي ذريعي طور ڪم آڻي ٿو، ۽ اها ٻولي ڪيتري ايراضيءَ ۾ ڳالهائي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. انهن ڳالهين کي سامهون رکي ائين چئي سگهجي ٿو تہ:

1. سنڌي ٻولي، دنيا جي قديم ۽ اوائلي ٻولين مان هڪ آهي. ان کي پنهنجو اڪٽ علمي ۽ ادبي خزانو آهي، جيڪو تمام گهڻي انداز ۾ عام ماڻهن جي گفتگوءَ ۽ سنڌي لغات ۾ محفوظ آهي. اسان جي شاعرن ۽ اديبن پنهنجي علمي ۽ ادبي ڪماليت جو اظهار، سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي ڪيو آهي ۽ ان وسيلي ئي سندن خيال اسان تائين پهچي سگهيا آهن.

2. سنڌي ٻولي، صدين کان اسان جي قديم تهذيب ۽ تمدن جو مظهر آهي، هن ٻوليءَ ۾ اسان جو تهذيبي، ثقافتي ۽ تاريخي سرمايو محفوظ آهي.

3. سنڌي ٻولي نہ فقط سنڌ ۾ ڳالهائي وڃي ٿي، جيڪو پاڪستان جو ٻيو نمبر وڏو صوبو آهي، پران جون حدون ماضيءَ ۾ اُچ شريف ۽ ملتان کان بہ اڳتي تائين پکڙيل هيون. انهن علائقن ۾ بہ قديم زماني ۾ سنڌي ٻولي استعمال ٿيندي هئي. ان کان سواءِ سنڌي ٻولي، هندوستان جي بہ ڪيترن ئي صوبن ۾ نہ فقط ڳالهائي وڃي ٿي، پر اتي ان کي قومي ٻوليءَ جو درجو پڻ حاصل آهي. سنڌي ٻولي، دنيا جي ٻين بہ ڪيترن ئي ملڪن، جهڙوڪ: برما، هانگ ڪانگ، سري لنڪا، ٿائيلنڊ، انڊونيشيا، ملائيشيا، سينگاپور، آسٽريليا، جپان، اوڀر آفريڪا، ڏکڻ آفريڪا، برطانيا، آمريڪا، فرانس، جرمني، ڪئناڊا، عراق، ايران، عربستان ۽ عرب امارتن وغيره ۾ رهندڙ سنڌي ماڻهو، پنهنجي روزاني ڪاروهنوار، محفلن ۽ مجلسن ۾ ڳالهائيندا رهن ٿا.

4. هيءَ ٻولي موجوده زماني ۾ ڪمپيوٽر، انٽرنيٽ ۽ وڻج واپار لاءِ مارڪيٽنگ جي ٻولي بڻجي چڪي آهي.

- هن وقت هيءَ ٻولي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻوليءَ جي حيثيت حاصل ڪري چڪي آهي. پاڪستان ۾ خانگي ٽي وي جي ستن چئنلن تان هن ٻوليءَ ۾ چوويهہ ئي ڪلاڪ نشريات جاري آهي، اهي چئنل دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن ۾ روزانہ ڏٺا وڃن ٿا.
- اهڙيءَ طرح اخباري ميڊيا تي سنڌ مان روزانہ ٽيهہ کن اخبارون، جن ۾ هفتيوار اخبارون، ماهوار ۽ ٽماهي رسالا شايع ڪيا ويندا آهن.

5. سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارن لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا / پڙهائڻ جو سلسلو سنڌ ۾ صدين کان هلندڙ آهي.

6. انهن حقيقتن جي آڌارتي اهوچئي سگهجي ٿوتہ سنڌي ٻولي اڄ بہ دنيا جي اهم ٻولين مان هڪ آهي، جنهن جي مادري زبان توڙي غيرمادري زبان طور سکيا / تدريس جي وڏي ضرورت آهي، ۽ ان جي پڙهائڻ لاءِ قومي جذبي ۽ پيشہ ور استادن جي بہ گهڻي گهرج آهي.

7. سنڌي ٻوليءَ جي مادري توڙي غير مادري زبان طور لازمي تدريس لاءِ سنڌ جي صوبائي اسيمبليءَ، 7 جولاءِ 1972ع ۾، سنڌي ٻولي لازمي طور پڙهائڻ ۽ سيکارڻ جو '1972ع وارو ائڪٽ' بحال ڪيو، جنهن ۾ اهو ضروري ڄاڻايو ويو هوتہ سنڌي ٻوليءَ جي لازمي سکيا ۽ دفترن ۾ عام استعمال جو جوڳو بندوبست ڪيو وڃي ۽ ان سلسلي ۾ تحقيقي رٿائون جوڙيون وڃن.

8. سنڌي ٻوليءَ جي وسعت جو اندازو انهيءَ ڳالھ مان بہ لڳائي سگھجي ٿو تہ ان ۾ دنيا جي اڪثر ٻولين جي پيٽ ۾ ڳالهائيندڙ ماڻهو، دنيا جي ڪھڙي بہ ٻوليءَ جا صوتي آواز سولائيءَ سان اچاري سگھن ٿا.

9. سنڌي ٻوليءَ جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي ۽ اهميت جو خيال رکندي، انگريز سرڪار پنهنجي دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اسڪولن، ڪاليجن، سرڪاري دفترن، عدالتن ۽ وڻج واپار ۾ رائج ڪيو هو. پر اهو بہ ڌيان ۾ رکڻ گھرجي تہ سنڌ ۾ سومرن جي حڪومت واري دور (1010ع-1351ع) اسلام جي داعين، اسلام جي تبليغ, سنڌي ٻوليءَ ذريعي ڪئي ۽ اسان کي اها شهادت ملي ٿي تہ ارغونن, ترخانن، مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾ بہ سنڌي ٻولي، سنڌ جي مدرسن ۾ تعليمي ذريعي طور رائج هئي.

10. پاڪستان جي تحريڪ دوران ٻين علائقن جي ٻولين وانگر سنڌ ۾ سياسي ۽ نظرياتي سجاڳي آڻڻ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اهم ڪردار رهيو. سنڌ ۾ اهڙي سياسي سجاڳي سنڌي اخبارن ۽ رسالن ذريعي آئي.

11. سنڌي ٻولي، پنهنجي بنيادي وياڪرڻي جوڙجڪ ۽ لفظن جي ذخيري جي لحاظ کان اردو ٻوليءَ ۽ پاڪستان جي ٻين ٻولين سان ويجهي لڳ لاڳاپي واري زبان آهي.

12. سنڌي ٻوليءَ جي اهميت ۽ حيثيت کي آڏو رکندي سنڌ سرڪار، جولاءِ 1972ع واري، سنڌ اسيمبليءَ جي بحال ڪيل ائڪٽ مطابق سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ ۽ واڌاري تي خاص ڌيان ڏنو آهي ۽ ان کي سنڌي ڳالهائيندڙ شاگردن لاءِ ٻارهين ڪلاس تائين مادري زبان طور ۽ سنڌي ٻولي نہ ڳالهائيندڙ شاگردن لاءِ، ڪلاس ٽئين کان ٻارهين تائين غير مادري زبان طور لازمي قرار ڏنو آهي، سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ جائزي کان پوءِ اها ڳالھ چٽي ٿي وڃي ٿي تہ سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي، تهذيبي، علمي، ادبي، سماجي، ثقافتي ۽ قومي ٻڌيءَ جي لحاظ کان تمام گھڻي اهميت آهي.

13. سنڌي ٻوليءَ جي لساني، علمي، ادبي ۽ ثقافتي اهميت کي آڏو رکندي، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا / تدريس جو نصاب پھرئين کان پنجين ڪلاس تائين انتهائي محنت ۽ خبرداريءَ سان جوڙيو ويو آهي.

## سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جا بنيادي هدف

### عام هدف

1. سنڌي زبان، پاڪستان جي چئني صوبن جي بنيادي زبانن مان هڪ اهم زبان آهي، جيڪا سنڌ ۽ سنڌ جي حدن کان ٻاهر بلوچستان ۽ پنجاب جي ڪجهه ڀاڱن ۾ به ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي. سنڌي زبان سڄيءَ سنڌ ۾ سرڪاري، دفتري ۽ تعليمي تدريسي زبان طور ڳالهائي، سمجهي، لکي ۽ پڙهي وڃي ٿي. ان بنياد تي سنڌ جو هر شاگرد ان قابل هئڻ گهرجي، جو اهو سمورين مهارتن جي روشنيءَ ۾ لاڀ حاصل ڪري سگهي.

2. سنڌي، سنڌ ۽ پاڪستان جي حدن کان ٻاهر پاڙيسري ملڪ هندستان ۽ دنيا جي ڪيترن ئي ٻين ملڪن ۾ پڻ ڳالهائي ۽ سمجهي وڃي ٿي. نشرياتي ۽ اطلاعاتي رابطن، ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي حوالي سان به سنڌي زبان، دنيا جي انهن اهم زبانن ۾ شمار ٿئي ٿي، جيڪي انگريزيءَ، عربيءَ ۽ اردوءَ وانگر ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ تي اچي ويون آهن. ان ڪري سنڌي شاگردن کي هن زبان جي ان ٽيڪنالاجيءَ واري رخ جي ڄاڻ پڻ حاصل ڪرڻ گهرجي.

3. سنڌي زبان، عام ڳالهه ٻولهه سان گڏ علم ادب، صحافت، وڻج واپار ، سرڪاري آفيسن، ڪورٽن، تعليم ۽ تدريس، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي، ثقافت، سياحت، راندين ۽ ٻين ڪيترن ئي ميدانن ۾ به ڪتب اچي ٿي. اُن لحاظ کان شاگردن کي ان قابل هئڻ گهرجي ته اهي هر ڏس ۾ سنڌيءَ جي ڀرپور ڄاڻ حاصل ڪري سگهن.

4. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ ٻين زبانن جي لفظن، تصورن، بياني انداز ۽ صنفن کي پاڻ ۾ سمائڻ جي مڪمل صلاحيت پڻ موجود آهي. ان ڪري سنڌي ڳالهائيندڙ ٻارلفظ سازيءَ ۽ مضمون نويسيءَ ۾ مهارت حاصل ڪري، پنهنجا جوهر ڏيکاري سگهن.

5. سنڌي زبان، ڪمپيوٽر ٽيڪنالاجي ۽ ٻين جديد دور جي گهرجن جو پورائو ڪري سگهي ٿي، ان ڪري سنڌي ٻار وقت جي جديد تقاضائن جو شعور ۽ ساڃاهه حاصل ڪرڻ لاءِ گهربل مهارتن تي به عبور حاصل ڪري سگهن.

## خاص هدف

سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي تدريس اِن ريت هئڻ گهرجي، جو سنڌي ٻار اُن قابل ٿي سگهي ته:

1. سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي جوڙجڪ، وُسعت / ڪشادگيءَ ۽ اهليت جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.

2. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳالهه ٻولهه جي تقاضائن (لهجي، اُچار ۽ ادائگيءَ) جي لحاظ کان عبور حاصل ڪري سگهي.

3. سنڌي ٻوليءَ ۾ بيان ڪيل ڳالهين، گفتگو ۽ تقريرن کي ٻڌي، پورو اِدراڪ حاصل ڪري سگهي.

4. سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار نثر ۽ نظم جي صنفن ۽ طرزِ بيان کي پڙهي، انهن ۾ فرق ڪري، پسند ڪري ۽ تنقيد ڪري سگهي.

5. سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ زباني ۽ تحريري طور بهترين انداز سان پنهنجي دلي ڪيفيت جو اظهار ڪري سگهي.

6. پنهنجي ذاتي ۽ قومي زندگيءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ جو عام استعمال ڪري سگهي ۽ ان سلسلي ۾ سنڌي زبان جي ادبي ذخيري جو اڀياس ڪري سگهي، ته جيئن هو قومي وقارَ، تهذيب ۽ ثقافت جو اعلىٰ شعور، اِدراڪ ۽ زندگيءَ جون مهارتون حاصل ڪري سگهي.

## ابتدائي سطح تي سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جا مقصد

سنڌي ٻوليءَ جي تدريس وسيلي شاگرد ان لائق ٿي سگهي ته:

1. سنڌي ٻوليءَ جي آوازن، ان جي اکرن، بنيادي لفظن ۽ سادن جملن جي جوڙجڪ ڄاڻي سگهي.
2. سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيل ڳالهه ٻولهه ٻڌي، ان جو مطلب سمجهي سگهي ۽ أن جو عام تجزيو ڪري سگهي.
3. سنڌي ٻوليءَ جو روز مره استعمال ڪري ۽ ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي.
4. نظم ۽ نثر جي صورت ۾ سنڌي پڙهي، شاعر ۽ ليکڪ جو بيان ۽ مقصد پروڙي سگهي.
5. سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي پنهنجو عام ۽ سادو مطلب ٻين تائين پهچائي سگهي.
6. عملي زندگيءَ جي عام بنيادي لساني ضرورتن کي سنڌي ٻوليءَ جي مدد سان پورو ڪري سگهي.

# سنڌي ٻوليءَ جون مهارتون

| | | |
|---|---|---|
| 1. | ٻڌڻ | Listening |
| 2. | ڳالهائڻ | Speaking |
| 3. | پڙهڻ | Reading |
| 4. | لکڻ | Writing |
| 5. | تقرير | Speech |
| 6. | تخليقي تحرير | Creative Writing |
| 7. | زبان شناسي | Language Cognition |
| 8. | پسنديدگي ۽ تنقيد | Appreciation and Criticism |
| 9. | زندگيءَ جون مهارتون | Life Skills |

# پهريون درجو (Grade-I)

## ٻڌڻ Listening

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٽي هزار لفظ ٻڌي، انهن جي معنيٰ سمجهي سگهن.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ سادا جملا ٻڌي ۽ سمجهي سگهن.<br>3. سنڌيءَ ۾ (نظم، آکاڻيون، تقريرون، خطبا ۽ واقعا) ٻڌي انهن جي اهم نُڪتن کي سمجهي سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٻارهن سؤ لفظ ٻڌي، انهن جي معنيٰ سمجهي سگهن. | 2. گهر ۾ روزمره جا جملا ٻڌي ۽ سمجهي سگهن. | 3. آکاڻيون ۽ نظم ٻڌي، انهن کي سمجهي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. سنڌي الف- ب جا آواز ٻڌي ۽ سڃاڻي سگهي.<br>2. هم آواز اکرن جا آواز ٻڌي، لفظن ۾ انهن جو فرق سمجهي سگهي.<br>3. ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٻُڌِي، جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ کي سمجهي سگهي.<br>4. سادا لفظ ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.<br>5. اکرن، لفظن، جملن ۽ ڳُٽپ بابت سوال ٻڌي ۽ سمجهي سگهي. | 1. عام استعمال ٿيندڙ لفظ ٻڌي، انهن جي معنيٰ سمجهي سگهي.<br>2. سادن جملن واري گفتگو ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.<br>3. مليل هدايتن کي سمجهي، انهن تي عمل ڪري سگهي.<br>4. سادن هاڪاري ۽ ناڪاري جملن کي ٻڌي سمجهي سگهي.<br>5. سنڌيءَ ۾ ڪيل سوال ٻڌي ۽ انهن جا جواب ڏئي سگهي. | 1. نظم، سُر ۽ لَئه سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري سگهي.<br>2. لطيفا ٻڌي، انهن کي سمجهي سگهي.<br>3. ڳالهه ٻولهه ۾ جملن جي تسلسل کي سمجهي سگهي.<br>4. واقعي يا آکاڻيءَ کي ٻڌي ۽ مقصد سمجهي سگهي.<br>5. آکاڻيءَ ۾ ڪردارن بابت ٻڌي، انهن کي سڃاڻي سگهي.<br>6. آکاڻي ٻڌي ان مان مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي. |

## پهريون درجو (Grade-I)

## ڳالهائڻ Speaking

| | | | |
|---|---|---|---|
| معيار ☜ Standards (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٽي هزار لفظ ڳالهائي سگهن.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ سادا جملا ڳالهائي سگهن.<br>3. سنڌيءَ ۾ نظم، آکاڻيون، تقريرون، خطبا ۽ واقعا ٻڌي، انهن جا اهم نڪتا ٻڌائي سگهن. | | |
| مرحليوار حد ☜ Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٻارهن سؤ لفظ ڳالهائي سگهن. | 2. گهر ۾ استعمال ٿيندڙ روزمره جا جملا درست نموني ڳالهائي سگهن. | 3. آکاڻيون ۽ نظم ٻڌي، پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات ☜ SLOs | 1. سنڌي الف- ب جا آواز ٻڌي ۽ صحيح طريقي سان اچاري سگهي.<br>2. هم آواز اکرن کي سڃاڻي درست اچاري سگهي.<br>3. ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ کان پوءِ ٻڌائي سگهي.<br>4. سادا لفظ ۽ جملا ٻڌي درست اچاري سگهي.<br>5. اکرن، لفظن، جملن ۽ ڳٽپ بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي. | 1. عام استعمال ٿيندڙ لفظ ٻڌي، انهن جي معنيٰ ٻڌائي سگهي.<br>2. سادن جملن واري گفتگو ڪري سگهي.<br>3. مليل هدايتن بابت ٻڌائي سگهي ۽ ٻين تائين پهچائي سگهي.<br>4. سادا هاڪاري ۽ ناڪاري جملا ڳالهائي سگهي.<br>5. پڇيل سوال سمجهي ۽ انهن جا جواب ڏئي سگهي.<br>6. پاڻ بابت ڳالهه ٻولهه ڪري سگهي. | 1. نظم، سُر ۽ لَئه سان ٻڌائي سگهي.<br>2. ٻڌل لطيفا ٻڌائي سگهي. .<br>3. آکاڻيءَ جي ڪردارن بابت ٻڌائي سگهي.<br>4. واقعي يا آکاڻيءَ کي ٻڌي، ٻڌائي سگهي.<br>5. آکاڻيءَ بابت مختصر سوالن جا جواب ڏئي سگهي. |

# پهريون درجو (Grade-I)

## پڙهڻ Reading

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي عبارت کي سمجهي، درست اُچار، ادائگيءَ ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهن.<br>2. خاموش يا بلند آواز سان پڙهي، مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. سادن لفظن ۽ جملن ۾ الف _ ب جي آوازن کي سڃاڻي ۽ پڙهي سگهن. | 2. مختصر آکاڻيون، خاموش ۽ بلند آواز سان پڙهي سگهن. | 3. نظم پڙهي، لطف اندوز ٿي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. انساني آوازن ۽ الف- ب جي اکرن جي لاڳاپي جي واقفيت حاصل ڪري پڙهي سگهي .<br>2. بي ترتيب اکرن کي درست ترتيب ڏئي پڙهي سگهي.<br>3. الف - ب جي اکرن جي سالم، شروع واري، وچ واري ۽ آخري شڪل سڃاڻي درست پڙهي سگهي.<br>4. سنڌي ٻوليءَ جي الف- ب جي وينجنن (Consonants) ۽ سُرن (Vowels) جي آوازن کي درست نموني ادا ڪري، پڙهي سگهي.<br>5. اکر، لفظ، علامتون (Signs) ۽ جملا سڃاڻي پڙهي سگهي. | 1. چئن کان پنجن جملن جي آکاڻي پڙهي، سمجهي سگهي.<br>2. مختصر آکاڻي پڙهي، پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>3. آکاڻي پڙهي، ڪردارن ۽ شين جا نالا ورجائي سگهي.<br>4. سادي آکاڻي پڙهي، سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>5. تصوير جي مدد سان عبارت پڙهي سمجهي سگهي. | 1. ننڍا ننڍا نظم سُر ۽ لئہ سان پڙهي لطف اندوز ٿي سگهي.<br>2. شعر يا نظم کي درست اچار سان تحت اللفظ پڙهي سگهي.<br>3. نظم پڙهي ڪردارن ۽ شين جا نالا ٻڌائي سگهي.<br>4. پنهنجي پسند جو نظم يا شعر پڙهي ٻڌائي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 6. هڪ منٽ ۾ 15 کان 30 لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.<br>7. الف- ب جي اکرن کي ملائي، پَدَ ۽ پدن کي ملائي لفظن کي درست اعرابن، (زبر، زير ۽ پيش) سان پڙهي سگهي.<br>8. ٻن کان پنجن اکرن وارا لفظ درست اُچار سان پڙهي سگهي.<br>9. ٽن پدن وارا لفظ جوڙي ۽ ٽوڙي پڙهي سگهي.<br>10. پنجن کان ستن لفظن وارا جملا روانيءَ سان پڙهي سگهي.<br>11. درجيوار متن منجهان پنجن مان ٽن سوالن جا درست جواب ڏئي سگهي.<br>12. 70 کان 80 سيڪڙو بي-معنيٰ لفظ درست پڙهي سگهي.<br>13. لفظن جي ابتدائي آواز ۽ اکر کي تبديل ڪري نوان با معنيٰ لفظ ناهي پڙهي سگهي.<br>14. عبارت پڙهي ڏنل ٽن نوَن لفظن مان تصوير جي مدد سان ٻن لفظن جو مفهوم ٻڌائي سگهي. | | |

## پهريون درجو (Grade-I)

## لکڻ Writing

| | | |
|---|---|---|
| ☜ معيار Standard (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادن جملن تي مشتمل عبارت درست لکي سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. پاڻ بابت گهٽ ۾ گهٽ پنج سادا جملا لکي سگهن. | 2. مختصر آکاڻيون پڙهي يا ٻڌي سادن سوالن جا جواب لکي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. پينسل يا قلم کي درست نموني جهلي سگهي.<br>2. الف- ب جي اکرن جي سالم شڪل لکي سگهي.<br>3. اکرن جي شروعاتي، وچين ۽ آخري شڪل لکي سگهي.<br>4. سادن لفظن کي جوڙي ۽ ٽوڙي لکي سگهي.<br>5. ٻن يا ٽن پدن وارا لفظ لکي سگهي.<br>6. اکر، لفظ ۽ سادا جملا لکي سگهي.<br>7. لفظن جي صورتخطي لکي سگهي.<br>8. هڪ کان ڏهن تائين ڳڻپ جا انگ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکي سگهي.<br>9. ٻن يا ٻن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ جملن ۾ ڪم آڻي، لکي سگهي.<br>10. تصويرون ڏسي انهن ۾ موجود شين جا نالا لکي سگهي.<br>11. لفظن جا شروعاتي، وچيان يا آخري اکر بدلائي نوان لفظ ناهي لکي سگهي.<br>12. بصري لفظ سڃاڻي لکي سگهي. | 1. آکاڻي پڙهي شين ۽ ڪردارن جا نالا لکي سگهي.<br>2. آکاڻي پڙهي يا ٻڌي سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>3. تصويري آکاڻيءَ ۾ موجود ڪردارن ۽ شين بابت سادن سوالن جا جواب لکي سگهي. |

## پهريون درجو (Grade-I)

## تقرير Speech

| | | |
|---|---|---|
| ☜ **معيار Standard (پهرئين کان ٽئين درجي تائين)** | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. پنهنجي گهر، اسڪول ۽ ماحول بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهن. | |
| ☜ **مرحليوار حد Benchmarks** | 1. پنهنجي گهر ۽ اسڪول بابت موضوعن تي درست اچار، رواني ۽ ربط سان گفتگو ڪري سگهن. | 2. پنهنجي گهر ۽ اسڪول جي موضوعن بابت پنهنجن جذبن ۽ تاثرات جو اعتماد سان اظهار ڪري سگهن. |
| ☜ **سکيا جي حاصلات SLOs** | 1. استاد جي مدد سان ٻن يا ٽن جملن ۾ پنهنجو تعارف ڪرائي سگهي.<br>2. روزمره جون شيون ڏسي انهن جو ڪجهه جملن ۾ تعارف ڪرائي سگهي.<br>3. پنهنجي پسند جي ڪنهن موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ ٽي جملا ڳالهائي سگهي. | 1. ڪنهن به موضوع تي تقرير ڪرڻ وقت پنهنجي تاثرات جو مناسب اظهار ڪري سگهي.<br>2. پنهنجي پسند ۽ ناپسند جو تاثرات ذريعي اظهار ڪري سگهي. |

## پهريون درجو (Grade-I)

## تخليقي تحرير Creative Writing

| | |
|---|---|
| ☜ معيار Standard (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. پنهنجي ماحول بابت ڪنهن به موضوع تي، پنهنجا خيال مناسب انداز ۾ لکي سگهن. |
| ☜ مرحليوار حد Benchmark | 1. پنهنجي گهر ۽ اسڪول بابت ڪنهن به موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ ٽن کان پنج سادا جملا لکي سگهن |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. ٽن کان پنجن جملن ۾ پنهنجو تعارف لکي سگهي.<br>2. ڪنهن به عام موضوع تي ٽن کان پنج جملا لکي سگهي.<br>3.پنهنجي گهر بابت ٽن کان پنج سادا ۽ مربوط جملا لکي سگهي.<br>4. پنهنجي پسند جي شين بابت ٽن کان پنج سادا جملا لکي سگهي.<br>5. تصوير ڏسي ان بابت ڪجهه جملا لکي سگهي. |

## پهريون درجو (Grade-I)

## زبان شناسي Language Cognition

| | |
|---|---|
| ☜ معيار Standards (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي جملي کي، زمان (حال، ماضي ۽ مستقبل) جي خيال کان ۽ بيهڪ جي نشانين موجب جاڳي سگهن.<br>2. پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ وقت گرامر جو خيال رکي سگهن. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1.زمان (حال ۽ ماضي) جو خيال رکندي سادا جملا استعمال ڪري سگهن. | 2. سادن جملن ۾ اعرابن (زير، زبر، پيش) ۽ بيهڪ جي نشانين کي سڃاڻي سگهن. | 3. مذڪر- مؤنث ۽ واحد - جمع کي سمجهي سگهن |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. لفظن ۾، وينجنن (Consonents) ۽ سُرن (Vowels) آوازن کي سمجهي ۽ انهن جي استعمال ۾ فرق ڄاڻي سگهي.<br>2. پدن مان لفظ ناهي سگهي.<br>3. ’آهي‘ ۽ ’هو‘ ۾ فرق ڄاڻي سگهي.<br>4. ’جو، جا، جي‘ کي ڄاڻي سگهي.<br>5. ’آهي‘، ’آهيان‘، آهيون ’آهن‘ ۾ فرق ڄاڻي سگهي.<br>6. عددي رتا (هڪ، ٻه، ٽي ۽ پهريون، ٻيون، ٽيون وغيره) جو فرق سمجهي سگهي. | 1. صورتخطيءَ ۾ اعرابن کي سڃاڻي سگهي.<br>2. اعرابون (زبر، زير، پيش) پڙهي ۽ انهن کي سمجهي سگهي.<br>3. بيهڪ جي نشانين (پورو دم ۽ سوال جي نشاني) کي سڃاڻي سگهي. | 1. لفظن جي واحد ۽ جمع صورتن ۾ فرق ڄاڻي سگهي.<br>2. لفظن ۾ مذڪر ۽ مؤنث صورتن ۾ فرق ڄاڻي سگهي.<br>3. لفظن جي واحد صورتن مان جمع صورتون ناهي سگهي.<br>4. لفظن جي مذڪر صورتن مان مؤنث صورتون ناهي سگهي. |

# پهريون درجو (Grade-I)

## پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism

| | |
|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي عبارت (آکاڻي، نظم، پرولي) پڙهي يا ٻڌي ۽ روزمره زندگيءَ جي واقعن بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهن. |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmark | 1. مختصر آکاڻين ۽ نظمن بابت پنهنجي پسند ۽ ناپسند جو اظهار ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. ٻاراڻا نظم انفرادي ۽ اجتماعي طور سُر سان پڙهي سگهي.<br>2. نظم يا آکاڻي ٻڌي ان مان لطف اندوز ٿي سگهي.<br>3. ڪنهن تصوير کي ڏسي ان تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>4. ڪا تقريب يا نمائش ڏسي پنهنجي پسند ۽ ناپسند جو اظهار ڪري سگهي.<br>5. پنهنجي پسند جي آکاڻي يا نظم ٻڌائي سگهي.<br>6. پنهنجي پسند جون پروليون ٻڌائي سگهي. |

## پهريون درجو (Grade-I)

## زندگيءَ جون مهارتون Life Skills

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ حصووٺي سگهن.<br>2. ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد کي پڙهي سمجهي سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1 روزمره جي زندگيءَ ۾ زبان کي ابلاغ جو ذريعو بڻائي سگهن. | 2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ اخلاقي قدرن جو خيال رکي سگهن. | 3. ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد کي پڙهي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. ٻُڌ سماءَ جي ذريعن (اخبار، ريڊيو ۽ ٽي وي وغيره) تي ٻارن جا پروگرام ڏسي_ٻڌي سمجهي سگهي<br>2. ذاتي پسند ۽ ناپسند جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. پنهنجين ضرورتن جو اظهار ڪري سگهي. | 1. وڏن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ وقت ادب ۽ احترام جو خيال رکي سگهي.<br>2. سلام ڪرڻ، مهرباني چوڻ، هڪٻئي جي مدد ڪرڻ جهڙين ڳالهين تي عمل ڪري سگهي.<br>3. گروهي ڪمن (صفائيءَ جو هفتو، رانديون، وٽڪاري وغيره) ۾ شامل ٿي سگهي. | 1. ڇاپي تصورن کي 70 کان 80 سيڪڙو درست سڃاڻي سگهي.<br>2. ڪتاب جو سرورق ۽ پس ورق جو فرق ٻڌائي سگهي.<br>3. پڙهڻ لاءِ ڪتاب کي صحيح طريقي سان جهلي سگهي.<br>4. ساڄي کان کاٻي طرف آڱر رکي پڙهي سگهي.<br>5. بورڊ، تختيون ۽ سائن بورڊ پڙهي سگهي. |

# درجو ٻيو (Grade-II)

## ٻڌڻ Listening

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٽي هزار لفظ ٻڌي، انهن جي معنیٰ سمجهي سگهن.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ سادا جملا ٻڌي ۽ سمجهي سگهن.<br>3. سنڌيءَ ۾ (نظم، آکاڻيون، تقريرون، خطبا ۽ واقعا) ٻڌي ۽ انهن جي اهم نُڪتن کي سمجهي سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي پاويهه سؤ لفظ ٻڌي، انهن جي معنیٰ سمجهي سگهن. | 2. گهر ۽ اسڪول ۾ استعمال ٿيندڙ روزمره جا جملا ٻڌي ۽ سمجهي سگهن. | 3. آکاڻيون ۽ نظم ٻُڌي، انهن کي سمجهي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ٻڌي، انهن جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهن.<br>2. ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.<br>3. ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٻُڌِي، جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ کي سمجهي سگهي.<br>4. سادا جملا ٻڌي سمجهي سگهي. | 1. گهر ۽ اسڪول ۾ هاڪاري، ناڪاري ۽ سوالي جملن کي ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>2. ڪا تفصيلي ڳالهه ٻولهه ٻڌي، ان تي پنهنجي ردِعمل جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. مليل هدايتون ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.<br>4. پنهنجي اسڪولءِ گهر بابت سوال ٻڌي انهن جا جواب ڏئي سگهي. | 1. آکاڻيون ۽ ننڍا واقعا ٻڌي خاص ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.<br>2. نظم، سُر ۽ لَئه سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري سگهي.<br>3. لطيفا ۽ ٽوٽڪا ٻڌي انهن جو مطلب سمجهي سگهي.<br>4. آکاڻي ٻڌي، ان جي ڪردارن بابت ٻڌائي سگهي..<br>5. آکاڻي ٻڌي، گهٽ ۾ گهٽ پنجن مان ڇئن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.. |

## درجو ٻيو (Grade-II)

## ڳالهائڻ Speaking

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٽي هزار لفظ ڳالهائي سگهن.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ سادا جملا ڳالهائي سگهن.<br>3. سنڌيءَ ۾ نظم، آکاڻيون، تقريرون، خطبا ۽ واقعا ٻڌي، انهن جا اهم نڪتا ٻڌائي سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٻاويهه سؤ لفظ ڳالهائي سگهن. | 2. گهر ۽ اسڪول ۾ استعمال ٿيندڙ روزمره جا جملا ٻڌي، ڳالهائي سگهن. | 3. آکاڻيون، نظم ۽ ننڍا واقعا ٻڌي، انهن کي پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي درست آوازن ۽ اچارن کي ادا ڪري سگهي..<br>2. ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ڳالهائي سگهي.<br>3. ٽن يا ٽن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي جوڙي ۽ ٽوڙي بيان ڪري سگهي.<br>4. لفظن جا شروعاتي، وچيان ۽ آخري آواز تبديل ڪري نوان لفظ ناهي ٻڌائي سگهي.<br>5. سادن جملن واري گفتگو ڪري سگهي. | 1. ڳالهائڻ ۾ هاڪاري، ناڪاري ۽ سوالي جملن کي استعمال ڪري سگهي.<br>2. ڪنهن تفصيلي ڳالهه ٻولهه تي پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. گهر ۽ اسڪول مان مليل هدايتن کي بيان ڪري سگهي.<br>4. پنهنجي گهرڀاتين ۽ انهن جي ڪمن بابت ٻڌائي سگهي.<br>5. پنهنجي روزمره جي مشغولين بابت ٻڌائي سگهي. | 1. آکاڻيون ٻڌي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>2. نظم، سُر ۽ لَئه سان ٻڌائي سگهي.<br>3. لطيفا، شعر ۽ پروليون ٻڌائي سگهي.<br>4. آکاڻيءَ بابت گهٽ ۾ گهٽ پنجن مان چئن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>5. ڪنهن واقعي بابت ٽن کان پنجن جملن ۾ پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي. |

## درجو ٻيو (Grade-II)

### پڙهڻ Reading

| | | | |
|---|---|---|---|
| معيار ☜ Standards (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي عبارت کي سمجهي، درست اُچار، ادائگيءَ ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهن.<br>2. خاموش يا بلند آواز سان پڙهي، مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. | | |
| مرحليوار حد ☜ Benchmarks | 1. عبارت (نظم ۽ نثر) کي درست اچار ۽ روانيءَ سان پڙهي سمجهي سگهن . | 2. مختصر آکاڻي / پيغام، خاموش ۽ بلند آواز سان پڙهي سگهن. | 3. وڏي آواز سان پڙهڻ ذريعي مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. |
| سکيا جي حاصلات ☜ SLOs | 1. سبقن کي درست اُچارن سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.<br>2. نظم ۽ نثر ۾ فرق سمجهي، پڙهي سگهي.<br>3. 30 يا ان کان وڌيڪ لفظن تي مشتمل عبارت پڙهي سگهي<br>4. چئن کان پنجن پدن وارا لفظ سمجهي ۽ پڙهي سگهي.<br>5. عبارت پڙهي سوالن جا جواب ڏئي سگهي<br>6. هڪ منٽ ۾ 60 لفظ درست اچارن سان پڙهي سگهي<br>7. مختصر آکاڻي ۽ نظم درست اچارن ۽ لهجي سان پڙهي سگهي.<br>8. مختصر آکاڻي ۽ نظم درست ترتيب ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهي.<br>9. جملي ۾ لفظن جي باهمي ربط کي سمجهي پڙهي سگهي. | 1. سنڌيءَ ۾ لکيل ڪنهن به پيغام کي پڙهي سگهي.<br>2. گهٽ ۾ گهٽ ڏهن جملن جي لکيل آکاڻي بلند آواز سان سمجهي پڙهي سگهي.<br>3. آکاڻي / مڪالمي کي سندن جزن جي حوالي سان پڙهي سگهي.<br>4. آکاڻيءَ ۾ ڏنل تصويرن جي مدد سان واقعن بابت اڳڪٿي ڪري سگهي | 1. لائبريريءَ ۾ موجود آکاڻين ۽ نظمن جا ڪتاب پڙهي سگهي.<br>2. آکاڻي پڙهي واقعي جي روشني ۾ ڪردارنگاري ڪري سگهي.<br>3. عوامي جڳهين، روڊن، رستن تي ڏنل هدايتون پڙهي ۽ سمجهي سگهي.<br>4. باراڻا نظم سُر ۽ لئه سان پڙهي، لطف حاصل ڪري سگهي.<br>5. سادا نظم پڙهي، سوالن جا جواب ڏئي سگهي |

# درجو ٻيو (Grade-II)

## لکڻ Writting

| | | |
|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(پهرئين کان ڏهين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادن جملن تي مشتمل عبارت درست لکي سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. .ڪنهن ڏنل عنوان تي گهٽ ۾ گهٽ اٺ سادا جملا لکي سگهن . | 2. مختصر آکاڻين، واقعن ۽ نظمن بابت سادن سوالن جا جواب لکي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. سادن جملن کي اتاري، درست صورتخطي لکي سگهي.<br>2. تصوير ڏسي ان بابت سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>3. پنهنجي گهر جو ڏس پتو لکي سگهي.<br>4. لفظن جي زباني صورتخطي لکي سگهي.<br>5. ٻن ۽ ٽن پدن وارا لفظ جملن ۾ ڪم آڻي لکي سگهي.<br>6. سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ کان ويهن تائين ڳڻپ جي انگن کي لفظن ۾ لکي سگهي.<br>7. پنهنجي گهر ۽ اسڪول بابت پنج کان اٺ سادا جملا لکي سگهي.<br>8. بصري لفظ سڃاڻي لکي سگهي.<br>9. مختصر مرڪب جملا ٻڌي يا ڏسي لکي سگهي.<br>10. نثر ۽ نظم کي خوشخطيءَ ۾ لکي سگهي. | 1. آکاڻي پڙهي يا ٻڌي، ان بابت سوالن جا سادا جواب لکي سگهي.<br>2. واقعا ٻڌي، سادن سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>3. نظم پڙهيءِ ٻڌي ان بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>4. ڪردارن ۽ شين بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>5. مختصر آکاڻي يا نظم پڙهي ان تي ٻن يا ٽن جملن ۾ پنهنجو ردعمل لکي سگهي. |

## درجو ٻيو (Grade-II)

## تقرير Speech

| | | |
|---|---|---|
| ☜ معيار Standard (ٻهرئين ڪان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته: 1. پنهنجي گهر، اسڪول ۽ ماحول بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. روزمره جي موضوعن تي پنجن ڪان ستن جملن ۾ گفتگو ڪري سگهن. | 2. روز مره جي ڪنهن به موضوع تي اعتماد ۽ رواني؛ سان ڳالهائي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. پنهنجي پسند جي راند يا ڪنهن موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنج جملا رواني؛ سان مناسب لهجي ۾ ڳالهائي سگهي.<br>2. روزمره جي زندگي؛ بابت شيون ۽ تصويرون ڏسي، گهٽ ۾ گهٽ پنجن ڪان ستن جملن ۾ پنهنجي راءِ ڏئي سگهي. | 1. پنهنجي پسند جي موضوع تي مناسب آواز، تاثرات ۽ درست لهجي سان پنجن ڪان ست جملا ڳالهائي سگهي. |

## درجو پيو (Grade-II)

## تخليقي تحرير Creative Writing

| | |
|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. پنهنجي ماحول بابت ڪنهن به موضوع تي پنهنجا خيال مناسب انداز ۾ لکي سگهن. |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmark | 1. پنهنجي گهر، اسڪول ۽ آسپاس بابت ڪنهن به موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. پنجن کان ستن جملن ۾ پنهنجي گهر جو تعارف لکي سگهي.<br>2. ڪنهن به عام موضوع تي پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي.<br>3. پنهنجي پسند جي ڪنهن به شيءِ بابت پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي.<br>4. پنهنجي اسڪول بابت پنجن کان ست جملا لکي سگهي.<br>5. ڪا به تصوير ڏسي ان بابت پنج جملا لکي سگهي. |

## درجو ٻيو (Grade-II)

## زبان شناسي Language Cognition

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (پهرئين ڪان ڇهين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي جملي کي، زمان (حال، ماضي ۽ مستقبل) جي خيال کان ۽ بيهڪ جي نشانين موجب ڄاڻي سگهن.<br>2. پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ وقت گرامر جو خيال رکي سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1 زمان (حال ۽ ماضي) جو خيال رکندي سادا جملا ناهي سگهن. | 2. سادن جملن ۾ اعرابن ۽ بيهڪ جي نشانين جو استعمال ڪري سگهن | 3. مذڪر- مؤنث ۽ واحد - جمع سمجهي سگهن. |
| ☜سکيا جي حاصلات SLOs | 1. زمان حال ۽ زمان ماضي جي جملن ۾ فرق ڄاڻي سگهي<br>2. زمان حال جي جملن کي زمان ماضيءَ جي جملن ۾ بدلائي سگهي.<br>3. زمان ماضيءَ جي جملن کي زمان حال جي جي جملن ۾ بدلائي سگهي.<br>4. ڳالهائڻ وقت جملن ۾ (آهي، هو، آهن، آهيان، ٿو، ٿي، ٿا) جو استعمال ڪري سگهي.<br>5. بي ترتيب لفظن کي ترتيب ڏئي جملو ناهي سگهي.<br>6. پوري ۽ اڻپوري جملي ۾ فرق سمجهي سگهي.<br>7. هاڪاري ۽ ناڪاري، سوالي ۽ بياني جملا ناهي ۽ پڙهي سگهي<br>8. ڳالهائڻ يا لکڻ وقت (تي، ۾، کي، کان، مان، سان وغيره) جو مناسب استعمال ڪري سگهي.<br>9. عددي رتا (ارڙهن، ارڙهين، ارڙهون، اوڻيهه، اوڻيهون، اوڻيهن) جو فرق سمجهي سگهي. | 1. سادو جملو لکڻ وقت بيهڪ جي نشانين (پورو دم، ٿورو دم، سوال جي نشاني) جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>2. بيهڪ جي نشانين جو خيال رکندي درست اچار سان عبارت پڙهي سگهي.<br>3. اعرابن (زبر، زير، پيش) جو درست استعمال ڪري سگهي. | 1. جملي ۾ واحد ۽ جمع لفظن کي سڃاڻي سگهي.<br>2. جملي ۾ مذڪر ۽ مؤنث لفظن کي سڃاڻي سگهي.<br>3. جملن ۾ واحد ۽ جمع جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>4. جملن ۾ مذڪر ۽ مؤنث جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>5. لفظن جون واحد ۽ جمع صورتون ناهي سگهي.<br>6. مذڪر جا مؤنث ۽ مؤنث جا مذڪر لفظ ٻڌائي ۽ لکي سگهي. |

## درجو ٻيو (Grade-II)

## پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism

| | |
|---|---|
| ☜ معيار<br>**Standard**<br>(پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي عبارت (آکاڻي، نظم، پرولي) پڙهي يا ٻڌي ۽ روزمره زندگيءَ جي واقعن بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهن. |
| ☜ مرحليوار حد<br>**Benchmark** | 1. مختصر آکاڻين، نظمن، پرولين ۽ لطيفن تي پنهنجي پسند ۽ ناپسند جو اظهار ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>**SLOs** | 1. نظم، آکاڻي ۽ واقعا پڙهي لطف اندوز ٿي سگهي.<br>2. پنهنجي پسند جي نظم بابت وضاحت ڪري سگهي.<br>3. ڪا تصوير، تقريب يا نمائش ڏسي، ان تي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>4. پنهنجي پسند جي ڪنهن جانور، پکي، شيءِ يا راند بابت پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>5. پنهنجي پسند جا لطيفا ٻڌائي سگهي. |

## درجو ٻيو (Grade-II)

## زندگيءَ جون مهارتون Life Skills

| | | | |
|---|---|---|---|
| معيار<br>Standards<br>(پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ حصووٺي سگهن.<br>2. ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد کي پڙهي سمجهي سگهن. | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. روزمره جي زندگيءَ ۾ زبان کي ابلاغ جو ذريعو بڻائي سگهن. | 2. ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد کي پڙهي سگهن. | 3. ڳالهه ٻولهه ۾ اخلاقي قدرن ۽ مثبت سماجي روين جو اظهار ڪري سگهن. |
| سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. سڌ سماءَ جي ذريعن (ريڊيو، ٽي وي ۽ انٽرنيٽ وغيره) تي پنهنجي پسند جا پروگرام ڏسي سمجهي سگهي.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي سگهي.<br>3. ابلاغ جي ذريعن ۾ ٻارن جي پروگرامن، اخبارن ۽ رسالن وغيره مان لطف اندوز ٿي سگهي. | 1. جملي ۾ پهرئين ۽ آخري لفظ جي سڃاڻپ ڪري سگهي،<br>2. پورو دم ۽ سوال جي نشاني استعمال ڪري سگهي.<br>3. ڪتاب جي ليکڪ / شاعر ۽ مصور جو نالو ٻڌائي سگهي.<br>4. اضافي مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهي. | 1. زندگيءَ جي بنيادي آدابن ۽ سنين عادتن جو اظهار ڪري سگهي.<br>2. گهر ۽ اسڪول اندر نظم وضبط جو مظاهرو ڪري سگهي (جيئن قطار ناهڻ، پنهنجي شين کي ترتيب سان رکڻ ۽ ڪلاس روم کي صاف رکڻ وغيره)<br>3. ٻاراڻن ادبي پروگرامن (بزمِ ادب) جي پروگرامن ۾ حصووٺي سگهي.<br>4. قومي، ثقافتي ۽ مذهبي ڏڻن ۾ جوش ۽ جذبي سان حصو وٺي سگهي. |

# درجو ٽيون (Grade-III)

## مهارت: ٻڌڻ Competency: Listening

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٽي هزار لفظ ڳالهائي سگهن.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ سادا جملا ڳالهائي سگهن.<br>3. سنڌيءَ ۾ نظم، آکاڻيون، تقريرون، خطبا ۽ واقعا ٻڌي، انهن جا اهم نڪتا ٻڌائي سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٽي هزار لفظ ٻڌي، انهن جي معنيٰ سمجهي سگهن. | 2. گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ استعمال ٿيندڙ روزمره جا جملا ٻڌي ۽ سمجهي سگهن. | 3. آکاڻيون، ننڍا واقعا، تقريرون ۽ نظم ٻڌي سمجهي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. چئن يا چئن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.<br>2. چئن يا چئن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي ٻُڌِي، جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ کي سمجهي سگهي.<br>3. عبارت ۾ آيل نون لفظن کي ٻڌي درست اچاري سگهي<br>4. ڪا به ڳالهه ٻڌي ان جو تجزيو ڪري سگهي ۽ ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي. | 1. گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ ٿيندڙ گفتگو ٻڌي، انهن جي اهم نڪتن ۽ نتيجن کان واقف ٿي سگهي.<br>2. هاڪاري، ناڪاري، سوالي ۽ عجب وارن جملن کي ٻڌي سمجهي سگهي.<br>3. هم نصابي سرگرمين دوران ڳالهه ٻولهه ٻڌي سمجهي سگهي.<br>4. سوالن کي غور سان ٻڌي، سمجهي سگهي. | 1. نظم، سُر ۽ لَئه سان ٻڌي، لطف حاصل ڪري ۽ ان جو اظهار ڪري سگهي.<br>2. لطيفا، ٽوٽڪا ۽ پروليون ٻڌي، انهن جو مطلب سمجهي سگهي.<br>3. آکاڻي، عبارت، واقعا ۽ مڪالما ٻڌي، خاص نُڪتن کي پنهنجن لفظن ۾ درست اچارن ۽ لهجي سان ورجائي سگهي<br>4. آکاڻيون، واقعا، مڪالما ٻڌي گهٽ ۾ گهٽ پنجن سوالن جا جواب ڏئي سگهي. |

# درجو ٽيون (Grade-III)

## ڳالهائڻ Speaking

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٽي هزار لفظ ڳالهائي سگهن.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ سادا جملا ڳالهائي سگهن.<br>3. سنڌيءَ ۾ نظم، آکاڻيون، تقريرون، خطبا ۽ واقعا ٻڌي، انهن جا اهم نڪتا ٻڌائي سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ بنيادي/ ابتدائي ٽي هزار لفظ ڳالهائي سگهن. | 2. گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ استعمال ٿيندڙ روزمره جا جملا درست نموني ڳالهائي سگهن. | 3. آکاڻين، ننڍن واقعن، تقريرن ۽ نظمن جي مفهوم کي پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. چئن يا ڇهن کان وڌيڪ پدن وارا لفظ ٻڌائي سگهي.<br>2. چئن يا ڇهن کان وڌيڪ پدن وارن لفظن کي جوڙي ٽوڙي بيان ڪري سگهي .<br>3. عبارت ۾ آيل نوان لفظ درست اُچاري سگهي.<br>4. ڪا به ڳالهه ٻڌي ان جو تجزيو ڪري ٻڌائي سگهي ۽ ان بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي. | 1. گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ ٿيندڙ گفتگو ٻڌي انهن جا اهم نڪتا ٻڌائي سگهي.<br>2. هاڪاري، ناڪاري، سوالي ۽ عجب وارا جملا ٻڌائي سگهي.<br>3. هم نصابي سرگرمين بابت گفتگو ڪري سگهي.<br>4. پنهنجي گهر ۽ اسڪول جي ضرورتن ۽ معاملن تي گفتگو ڪري سگهي. | 1. نظم، سُر ۽ لَئه سان ٻڌائي سگهي. .<br>2. لطيفا، ٽوٽڪا ۽ پروليون ٻڌي، جانهن جو مطلب بيان ڪري سگهي.<br>3. آکاڻي، عبارت ۽ واقعا ٻڌي، خاص نُڪتن کي پنهنجن لفظن ۾ درست اُچارن ۽ لهجي سان ورجائي سگهي.<br>4. ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي درست اچارن، مناسب لهجي ۽ تاثرات سان تمثيل ڪاريءَ ذريعي مڪالما ادا ڪري سگهي.<br>5. آکاڻي، واقعن، مڪالمن بابت گهٽ ۾ گهٽ پنجن سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>6. آکاڻيءَ جي ڪردارن بابت پسند يا ناپسند متعلق ٻڌائي سگهي. |

# درجو ٽيون (Grade-III)

## پڙهڻ Reading

| | | |
|---|---|---|
| معيار ☜<br>Standards<br>(پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي عبارت کي سمجهي، درست اُچار، ادائگيءَ ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهن.<br>2. خاموش يا بلند آواز سان پڙهي، مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. | |
| مرحليوار حد ☜<br>Benchmarks | 1. پئراگراف درست اُچار ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهن. | 2. آکاڻيون ۽ نظم مناسب رفتار، بلند آواز ۽ خاموشيءَ سان پڙهي سمجهي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات ☜<br>SLOs | 1. ڏهن کان پندرهن جملن واري سادي عبارت پڙهي سمجهي سگهي.<br>2. نظم ۽ نثر پڙهي سوالن جا درست جواب ڏئي سگهي.<br>3. نظم ۽ نثر ۾ فرق سمجهي، درست ادائگيءَ سان پڙهي سگهي.<br>4. مختلف جملن کي درست اچار ۽ روانيءَ سان پڙهي سگهي.<br>5. هڪ منٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 60 لفظ درست ادائگي ۽ اُچار سان پڙهي سگهي.<br>6. بصري لفظ روانيءَ سان پڙهي سگهي<br>7. سنڌيءَ ۾ لکيل سادا پيغام ۽ هدايتون سمجهي روانيءَ سان پڙهي سگهي. | 1. آکاڻي يا واقعو پڙهي ۽ سمجهي ان جو نتيجو ڪڍي سگهي.<br>2. مڪالمن کي تاثرات ۽ درست ادائگيءَ سان پڙهي سگهي.<br>3. پنهنجي پسند جون آکاڻيون، نظم، پروليون ۽ لطيفا پڙهي لطف حاصل ڪري سگهي ۽ تفهيمي سوالن جا درست جواب ڏئي سگهي.<br>4. باراڻا نظم، سُر ۽ لئه سان پڙهي لطف حاصل ڪري سگهي ۽ سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>5. پنهنجي پسند جي آکاڻين، لطيفن، نظمن ۽ پرولين جي چونڊ ڪري، پڙهي سگهي. |

## درجو ٽيون (Grade-III)

## لکڻ Writting

| | | |
|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (پھرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته: <br> 1. سادن جملن تي مشتمل عبارت درست لکي سگھن. | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. پنھنجي آسپاس جي ماحول بابت ڪنھن به موضوع تي گھٽ ۾ گھٽ ڏھه سادا جملا لکي سگھن. | 2. آکاڻين، واقعن ۽ نظمن بابت سوالن جا جواب لکي سگھن |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. ڪنھن به عنوان (منھنجو گھر، منھنجو اسڪول، منھنجا دوست، منھنجا والدين وغيره) تي ڏھه سادا ۽ مربوط جملا لکي سگھي. <br> 2. سبق، آکاڻي يا واقعو پڙھي يا ٻڌي ان بابت سوالن جا جواب لکي سگھي . <br> 3. پنھنجي درجي موجب درست صورتخطي لکي سگھي. <br> 4. پنجاھه تائين ڳڻپ جا انگ سنڌي لفظن ۾ لکي سگھي <br> 5. عددن جي ترتيب کي سمجھي لکي سگھي. مثال طور (ستون، ستين، ستِين، انون، انين، انِين وغيره) <br> 6. اسم، ضمير، صفت ۽ فعل وارن لفظن کي پنھنجي تحرير ۾ درست استعمال ڪري لکي سگھي. | 1. آکاڻين، واقعن ۽ نظمن ۾ ڏنل متن موجب سوالن جا جواب لکي سگھي. <br> 2. نظم مان پنھنجي پسند جي شعر جو مفھوم لکي سگھي. <br> 3. تصوير/ تصويري آکاڻي ڏسي ان بابت پڇيل سوالن جا جواب لکي سگھي. |

## درجو ٽيون (Grade-III)

## تقرير Speech

| معيار ☜<br>Standard<br>(پهرئين ڪان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. پنهنجي گهر، اسڪول ۽ ماحول بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهن. | |
|---|---|---|
| مرحليوار حد ☜<br>Benchmarks | 1. ڪلاس جي سامهون سادن جملن تي مشتمل تقرير ڪري سگهن. | 2. پنهنجي آسپاس، روزمره جي زندگي متعلق موضوعن تي پنهنجن لفظن ۾ اعتماد سان گهٽ ۾ گهٽ ڏهن جملن تي مشتمل تقرير ڪري سگهن. |
| سکيا جي حاصلات ☜<br>SLOs | 1. مناسب آواز ۽ لهجي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهن سادن جملن تي مشتمل تقرير ڪري سگهي.<br>2. ڪنهن به موضوع تي موقعي جي مناسبت سان پنهنجن لفظن ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڏهه جملا بيان ڪري سگهي.<br>3. پنهنجي ماحول بابت ڪنهن به موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ هڪ منٽ تائين تقرير ڪري سگهي. | 1. سادن جملن تي مشتمل تقرير ڪندي جسماني چرپر ۽ تاثرات سان تقرير کي اثرائتو بڻائي سگهي.<br>2. ماحول بابت پنهنجي پسند جي موضوع تي درست لهجي، اُچار ۽ اعتماد سان خيالن جو اظهار ڪري سگهي. |

## درجو ٽيون (Grade-III)

## تخليقي تحرير Creative Writing

| | |
|---|---|
| ☜ معيار Standard (پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته: 1 پنهنجي ماحول بابت ڪنهن به موضوع تي، پنهنجا خيال مناسب انداز ۾ لکي سگهن. |
| ☜ مرحليوار حد Benchmark | 1. پنهنجي گهر، اسڪول ۽ آسپاس جي ماحول بابت ڏهن سادن جملن ۾پنهنجي راءِ لکي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. گهٽ ۾ گهٽ ڏهن جملن ۾ پنهنجي گهر ۽ اسڪول جو تعارف لکي سگهي.<br>2. پنهنجي پسند جي ڪنهن به موضوع بابت گهٽ ۾ گهٽ پنجن کان ست سادا جملا لکي سگهي.<br>3. ڪنهن به تصوير يا منظر کي ڏسي ان بابت پنهنجا خيال لکي سگهي.<br>4. ڏنل ڪهاڻيءَ جو عنوان لکي سگهي. |

## درجو ٽيون (Grade-III)

## زبان شناسي Language Cognition

| | | | |
|---|---|---|---|
| معيار ☜<br>Standards<br>(پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي جملي کي، زمان (حال، ماضي ۽ مستقبل) جي خيال کان ۽ بيهڪ جي نشانين موجب جاچي سگهن.<br>2. پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ وقت گرامر جو خيال رکي سگهن. | | |
| مرحليوار حد ☜<br>Benchmarks | 1. زمان (حال، ماضي ۽ مستقبل) جو خيال رکندي سادا جملا ناهي سگهن. | 2. مذڪر- مؤنث، واحد - جمع ، هم معنیٰ لفظ ۽ ضد ناهي سگهن. | 3. بيهڪ جي نشانين کي سمجهي انهن جو درست استعمال ڪري سگهن. |
| سکيا جي حاصلات ☜<br>SLOs | 1. جملي جي جوڙجڪ ۾ زمان جي تبديلي، 'آهي'، 'هو' ۽ 'ٿيندو' موجب ڪري سگهي.<br>2. جملي ۾ زمان حال، ماضي ۽ مستقبل جي استعمال کي سمجهي سگهي.<br>3. مختلف زمانن جي، سوالي جملن کي هاڪاري ۽ ناڪاري جملن ۾ بدلائي سگهي<br>4. اسم، ضمير، صفت ۽ فعل جي مفهوم کي جاچي سگهي. | 1. عددي رتا جي جاچ موجب هڪ - ٻه - ٽي ۽ پهريون - ٻيو- ٽيون جو فرق سمجهي سگهي.<br>2. واحد لفظن مان جمع ۽ جمع لفظن مان واحد ناهي سگهي<br>3. مذڪر لفظن جا مؤنث ۽ مؤنث لفظن جا مذڪر ناهي سگهي.<br>4. ضمير خالص جي ('آءٌ'، 'مان'، 'اسين' ۽ 'اسان'، 'تون'، 'توهان'، 'اوهين'، 'اوهان'، 'هُو'، 'هوءَ'، 'أهي' وغيره) لفظن جي مفهوم کي سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهي.<br>5. جملي ۾ ڪم آندل هم معنیٰ لفظ سڃاڻي سگهي.<br>6. لفظن جا ضد ناهي سگهي. | 1. سادو جملو لکڻ وقت پورو دم، ٿورو دم ۽ سوال جي نشانيءَ جو درست استعمال ڪري سگهي. |

## درجو ٽيون (Grade-III)

## پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism

| | |
|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. سادي عبارت (آکاڻي، نظم ۽ پرولي) پڙهي يا ٻڌي ۽ روزمره زندگيءَ جي واقعن بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهن. |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmark | 1. روزمره جي معاملن ۽ واقعن کي ٻڌي يا ڪا عبارت پڙهي پنهنجي پسند ۽ ناپسند جو اظهار ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. ڪوبه نظم انفرادي يا اجتماعي طور تي سُر ۽ لئه سان پڙهي سگهي.<br>2. تقرير، واقعو يا گفتگو ٻڌي ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>3. ڪا به آکاڻي يا نظم پڙهي يا ٻڌي پنهنجي پسند يا ناپسند بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>4. ڪنهن به تقريب يا نمائش کي ڏسي، ڪنهن خاص سرگرميءَ تي پنهنجو رد عمل ظاهر ڪري سگهي.<br>5. ٻُڌ سماءَ جي ذريعن تي، ٻارن جي مختلف پروگرامن (ڪارٽون، رانديون ۽ تفريحي پروگرام) متعلق پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي. |

## درجو ٽيون (Grade-III)

## زندگيءَ جون مهارتون Life Skills

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(پهرئين کان ٽئين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ حصووٺي سگهن.<br>2. ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل مواد کي پڙهي سمجهي سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. روزمره جي زندگي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اثرائتي نموني استعمال ڪري سگهن. | 2. پڙهيل يا ٻڌل ڪهاڻين ۽ نظمن کي سمجهي سگهن ۽ ٻين کي ٻه ٻڌائي سگهن | 3. پنهنجي درجي مطابق سماجي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. روزاني ڳالهه ٻولهه ۾ حصو وٺي ۽ ان تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>2. موقعي جي مناسبت سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. ريڊيو، ٽي وي ۽ ٻين ابلاغ جي ذريعن تان ٻارن جي نشر ٿيندڙ راندين، ڪارٽونن ۽ ٻين تفريحي پروگرامن بابت پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>4. ڪلاس ۽ اسڪول جي سطح تي ٿيندڙ ادبي ۽ ثقافتي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.<br>5. تعليمي سير ۽ تفريحي پروگرامن جي مشاهدي کي زباني ۽ تحريري طور تي پيش ڪري سگهي. | 1. لائبريريءَ ۾ موجود رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل، پنهنجي پسند جي دلچسپ آکاڻين، لطيفن ۽ نظمن بابت مواد پڙهي، سمجهي ۽ ٻين کي ٻڌائي سگهي.<br>2. بيت بازي، ڊرامن، تقريرن، موسيقي، مضمون نويسي ۽ ڊرائنگ وغيره ۾ حصو وٺي سگهي.<br>3. آکاڻيون پڙهي ۽ ٻڌي، ان جا نتيجا اخذ ڪري ۽ ان کي عملي زندگيءَ سان جوڙي سگهي. | 1. روزمره جي زندگي (گهر، اسڪول، مسجد، مندر، چرچ ۽ گردوارو) ۾ نظم و ضبط جو مظاهرو ڪري سگهي.<br>2. گروهي، سماجي ۽ ثقافتي ڪمن ۾ حصو وٺي سگهي ۽ پنهنجي ذميواري خوش اسلوبيءَ سان ادا ڪري سگهي.<br>3. گفتگوءَ ۾ پنهنجي موقف کي بيان ڪري سگهي.<br>4. پنهنجي راءِ ڏيڻ وقت ٻين جي احساسن ۽ جذبن جو احترام ڪري سگهي.<br>5. روزمره جي زندگيءَ ۾ بجلي، پاڻي، گئس ۽ ابلاغ جي ذريعن، انٽرنيٽ، ڪمپيوٽر ۽ موبائيل جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>6. گهر، اسڪول ۽ ڪلاس ۾ پيش ايندڙ مسئلن جو ڳالهه ٻولهه ذريعي حل ڳولڻ جي عادت پيدا ڪري سگهي. |

# درجو چوٿون (Grade-IV)

## ٻڌڻ Listening

| | | | |
|---|---|---|---|
| معيار<br>Standards<br>(چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي ڇهه هزار لفظ ٻڌي، انهن جي معنىٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهن.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ٻڌي، مرڪب جملن جي جزن کي ملائي، مفهوم پروڙي سگهن.<br>3. سنڌيءَ ۾ آکاڻين، واقعن، تقريرن ۽ خطبن کي ٻڌي، انهن جو پنهنجي روزمره واري زندگيءَ سان تعلق جوڙي سگهن. | | |
| مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي چار هزار لفظ ٻڌي، انهن جي معنىٰ سمجهي سگهن. | 2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ٻڌي، مرڪب جملن جي جزن کي سمجهي سگهن. | 3. سنڌيءَ ۾ آکاڻيون، واقعا، تقريرون، خطبا ۽ نظم ٻڌي انهن کي سمجهي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. لفظن جي غلط ۽ صحيح اُچارن جي ادائگي ۽ لهجو ٻڌي انهن ۾ فرق ڪري سگهي.<br>2. مرڪب لفظن جي معنىٰ ۽ مفهوم کي ٻڌي ۽ سمجهي سگهي.<br>3. محاورن کي ٻڌي، انهن جو مفهوم سمجهي سگهي. | 1. ٻڌل جملن جي تسلسل ۽ بي ترتيبيءَ کي سمجهي سگهي.<br>2. گهر، اسڪول، شهر ۽ ڳوٺ ۾ تعريفي ۽ تنقيدي گفتگو ٻڌي سمجهي سگهي .<br>3. مرڪب (هاڪاري ۽ ناڪاري) جملن کي ٻڌي سمجهي سگهي.<br>4. ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ چوٽيون ۽ پهاڪا ٻڌي سمجهي سگهي.<br>5. ابلاغ جي ذريعن (ريڊيو، ٽي وي، سوشل ميڊيا وغيره) تان ٻڌل ڳالهين مان معلومات حاصل ڪري سگهي. | 1. ڪهاڻي، واقعا، تقريرون ۽ خطبا ٻڌي انهن جا اهم نڪتا سمجهي سگهي.<br>2. نظم ٻڌي ان جو مفهوم ٻڌائي سگهي.<br>3. ڪهاڻي ٻڌي، ان جي ڪردارن جون خوبيون ۽ خاميون ٻڌائي سگهي.<br>4. آکاڻي ٻڌي، ان جي مرڪزي خيال بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي. |

# درجو چوٿون (Grade-IV)

## ڳالهائڻ Speaking

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي ڇهه هزار لفظ ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪري سگهن.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ مرڪب جملن جي جزن کي ملائي مفهوم بيان ڪري سگهن.<br>3. سنڌيءَ ۾ آکاڻين، واقعن، تقريرن ۽ خطبن مان حاصل ڪيل معلومات پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي چار هزار لفظ ڳالهائي سگهن. | 2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ٿيندڙ مرڪب جملا درست ڳالهائي سگهن. | 3. سنڌيءَ ۾ آکاڻيون ، واقعا، تقريرون، خطبا ۽ نظم ٻڌي، انهن کي پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. لفظن جي غلط ۽ صحيح اچارن جي ادائگيءَ ۽ لهجي ۾ فرق بيان ڪري سگهي.<br>2. مرڪب لفظن جي معنیٰ ۽ مفهوم ٻڌائي سگهي.<br>3. ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندڙ محاورن کي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪري سگهي. | 1. جملن ۾ لفظن جي تسلسل ۽ بي ترتيبيءَ جي استعمال کي سمجهي، بيان ڪري سگهي.<br>2. ڪنهن به موضوع تي تعريفي ۽ تنقيدي گفتگو ڪري سگهي.<br>3. مرڪب (هاڪاري ۽ ناڪاري) جملا ڳالهائي سگهي.<br>4. پنهنجي ڳالهه ٻولهه ۾ چوڻين ۽ پهاڪن جو مناسب استعمال ڪري سگهي.<br>5. ابلاغ جي ذريعن (ريڊيو، ٽي وي، انٽرنيٽ، سوشل ميڊيا وغيره) معلومات حاصل ڪري ٻين کي ٻڌائي سگهي. | 1. ڪهاڻين، واقعن، تقريرن ۽ خطبن جا اهم نڪتا سمجهي بيان ڪري سگهي.<br>2. آکاڻين ۾ موجود ڪردارن جي خوبين ۽ خامين تي پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. آکاڻيءَ جي مرڪزي خيال بابت ڳالهائي سگهي ۽ سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>4. پنهنجيءَ پسند جا نظم، لطيفا، پروليون ۽ سهڻا سخن ٻڌائي سگهي.<br>5. نظم ٻڌي، ان جو مفهوم بيان ڪري سگهي. |

# درجو چوٿون (Grade-IV)

## پڙهڻ Reading

| | | | |
|---|---|---|---|
| معيار ☜<br>Standards<br>(چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. عبارت جي مقصد کي سمجهي، روانيءَ سان پڙهي سگهن.<br>2. مطالعي جي عادت پختي ڪري سگهن. | | |
| مرحليوار حد ☜<br>Benchmarks | 1. نثر ۽ نظم جي مفهوم کي سمجهي روانيءَ سان پڙهي سگهن. | 2. آکاڻيون، مضمون، پروليون ۽ لطيفا وغيره پڙهي سمجهي سگهن. | 3. پنهنجي درجي مطابق، ڏنل تحرير جو خاموش مطالعو ڪري، ان بابت ڪجهه جملا بيان ڪري سگهن. |
| سکيا جي حاصلات ☜<br>SLOs | 1. سادن ۽ مرڪب جملن تي آڌاريل عبارت پڙهي ۽ سمجهي سگهي.<br>2. عام معلومات ۽ فطري موضوعن تي آڌاريل لکڻيون پڙهي ۽ سمجهي سگهي.<br>3. هڪ منٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 70 لفظ درست ادائگي ۽ اُچار سان پڙهي سگهي.<br>4. ڪنهن عبارت ۾ ڏنل جدول، خاڪن، تصويرن ۽ نقشن ۾ ڏنل معلومات پڙهي ٻڌائي سگهي.<br>5. درجيوار عبارت ۾ ڏنل نون لفظن کي تصوير جي مدد سان پڙهي، مفهوم ٻڌائي سگهي. | 1. آکاڻي پڙهي ان جي بنيادي خيال کي سمجهي سگهي.<br>2. آکاڻي ۽ مضمون پڙهي انهن جي عنصرن کي سمجهي ۽ نتيجا ڪڍي سگهي.<br>3. مڪالمن جي تناظر کي ڏسي تاثرات ۽ درست ادائگيءَ سان پڙهي سگهي.<br>4. پنهنجي پسند جون آکاڻيون، نظم، پروليون ۽ لطيفا پڙهي لطف حاصل ڪري سگهي.<br>5. ڪنهن به آکاڻيءَ يا نظم کي پڙهي، ان کي پنهنجي زندگيءَ جي تجربن سان لاڳو ڪري سگهي.<br>6. آکاڻيون يا نظم پڙهي، ان ۾ موجود ڪردارن جي | 1. عبارت پڙهي ان جو بنيادي خيال ۽ عنصر بيان ڪري سگهي.<br>2. پنهنجي درجي موجب عبارت خاموشيءَ ۽ روانيءَ سان پڙهي ۽ سمجهي سگهي.<br>3. پنهنجي درجي موجب عبارت پڙهي، ان جي ڪردارن ۽ واقعن بابت ٻڌائي سگهي. |

| | | | |
|---|---|---|---|
| | 6. عبارت پڙهي پنجن مان ڇئن تفهيمي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>7. روانيءَ سان پڙهڻ دوران بيهڪ جي نشانين جو خيال رکي سگهي.<br>8. عبارت ۾ ڪم آندل نوَن لفظن جي درست معنىٰ لغت مان ڳولي، پڙهي سگهي.<br>9. نظم پڙهي ان جي سمجهاڻي ڏئي سگهي. | خوبين ۽ خامين کي بيان ڪري سگهي. | |

## درجو چوٿون (Grade-IV)

## لکڻ Writting

| | | |
|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. ربط ۽ تسلسل سان پيراگراف لکي سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. درجي مطابق عبارت، نثر ۽ نظم ۾ ڏنل معلومات کي پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهن. | 3. ڳڻپ جي انگن کي لفظن ۾ لکي سگهن ۽ عددن جي ترتيب جي واقفيت حاصل ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. مرڪب جملا لکي سگهي.<br>2. متن بابت سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>3. آکاڻي، نظم، واقعو يا ڊرامو پڙهي ان جو تت لکي سگهي.<br>4. پنهنجي درجي جي معيار مطابق عبارت (نثر ۽ نظم) پڙهي پنهنجي ڄاڻ ۽ سمجهه مطابق سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>5. نظم پڙهي، ان جي سمجهاڻي لکي سگهي.<br>6. مختصر آکاڻي پڙهي ان کي پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>7. لکڻين ۾ مرڪب لفظن جو استعمال ڪري سگهي.<br>8. پنهنجي روزمره جي ڪمن بابت مربوط پيراگراف لکي سگهي.<br>9. تصويرن ۽ اشارن جي مدد سان آکاڻي مڪمل ڪري لکي سگهي.<br>10. پنهنجي لکڻين ۾ بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهي. | 1. هڪ کان سؤ تائين لفظن ۾ انگن جي ڳڻپ لکي سگهي.<br>2. عددن جي ترتيب کي سمجهي لکي سگهي (ستون، ستين، ستِين، اٺون، اٺين، اٺِين وغيره). |

## درجو چوٿون (Grade-IV)

## تقرير Speech

| | |
|---|---|
| **معيار Standard (چوٿين کان پنجين درجي تائين)** ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روزمره جي زندگيءَ بابت پنهنجا تجربا، مشاهدا، احساس ۽ خيال اعتماد سان پيش ڪري سگهن. |
| **مرحليوار حد Benchmark** ☜ | 1. روزمره جي زندگيءَ متعلق مختلف موضوعن تي تقرير ڪري سگهن. |
| **سکيا جي حاصلات SLOs** ☜ | 1. ڪنهن به ڏنل موضوع تي گهٽ ۾ گهٽ ٽن کان ڇهن منٽن تائين تاثرات سان خيالن جو اظهار ڪري سگهي.<br>2. مختلف ادبي ۽ سماجي شخصيتن، ماڳن، مڪانن ۽ واقعن بابت اعتماد، رواني ۽ دليلن سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي. |

# درجو چوٿون (Grade-IV)

## تخليقي تحرير Creative Writing

| | |
|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل تي وجن تہ:<br>1. روزمرهہ جي موضوعن تي پنهنجن تجربن، مشاهدن، احساسن ۽ خيالن کي مربوط انداز ۾ رواني؀ سان لکي سگهن. |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmark | 1. روزمرهہ جي موضوعن تي پنهنجن خيالن کي آکاڻي، مضمون ۽ پئراگراف جي صورت ۾ لکي پيش ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. روزمرهہ جي ڪنهن بہ موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ ستن کان ڏهن سادن ۽ مرڪب جملن تي مشتمل پئراگراف لکي سگهي.<br>2. روزمرهہ جي ڪنهن بہ موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ ڏهن کان پندرنهن سادن ۽ مرڪب جملن تي مشتمل مضمون لکي سگهي.<br>3. آکاڻي؀ جي حصن (شروعات، عروج ۽ پڄاڻي) کي سامهون رکي آکاڻي لکي سگهي.<br>4. ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ ۽ دوست ڏانهن صحت، تعليم ۽ سير جي موضوعن تي خط لکي سگهي.<br>5. پنهنجن مسئلن بابت اسڪول جي هيڊ ماستر، پرنسپال ۽ استاد ڏانهن درخواست لکي سگهي.<br>6. ڪنهن بہ تقريب يا تفريحي پروگرام جو احوال پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>7. ڪنهن بہ ڏنل منظر بابت مربوط پئراگراف لکي سگهي. |

## درجو چوٿون (Grade-IV)
## زبان شناسي Language Cognition

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. تحرير ۽ تقرير ۾ گرامر جو خيال رکي سگهن. | | | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. زمانن مطابق جملن جي جوڙجڪ سمجهي سگهن. | 2. نوان لفظ ٺاهي ۽ انهن جو درست استعمال ڪري سگهن. | 3. ڳالهائڻ جي لفظن موجب جملن جي جوڙجڪ کي سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهن . | 4. عبارت ۾ بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. جملي ۾ فاعل، مفعول ۽ فعل جي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.<br>2. مفرد ۽ مرڪب جملا زمانن مطابق بدلائي سگهي.<br>3. مختلف قسم جا جملا (بياني، سوالي، امري ۽ ندائي) جوڙي سگهي.<br>4. گرامر موجب (جا، جو، جي، جن، مان، کي، تي، ۾، سو، سي ۽ سا وغيره) جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>5. ڳالهه ٻولهه ۾ گرامر جو بهتر استعمال ڪري سگهي.<br>6. بي ترتيب جملن کي درست ترتيب ڏئي سگهي. | 1. لفظن جون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي نوان لفظ ٺاهي سگهي.<br>2. جملي ۾ مذڪر ۽ مؤنث لفظن کي تبديل ڪري سگهي.<br>3. هم معنىٰ ۽ متضاد لفظن جي فرق کي سمجهي، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>4. واحد کي جمع ۽ جمع کي واحد ۾ بدلائي، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>5. لغت مان لفظن جي معنىٰ ڳولي سگهي. | 1. صفت کي سمجهي ۽ ان جو درست استعمال ڄاڻي سگهي.<br>2. حرف جر، حرف جملي ۽ حرف ندا کي سمجهي، درست استعمال ڪري سگهي.<br>3. ضمير متڪلم، حاضر ۽ غائب جي لفظن کي سمجهي ۽ ان جو جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>4. اسم عام ۽ اسم خاص جي فرق کي سمجهي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>5. جملن مان اسم، ضمير ۽ فعل چونڊي لکي سگهي.<br>6. حرف جملي کي سمجهي، ان کي جملن ۾ استعمال ڪري سگهي. | 1. بيهڪ جي نشانين (دم، اڌ دم ۽ عجب جي نشاني) جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>2. مختلف اعرابن (زير، زبر، پيش، مد، شد، جزم، تنوين) جو درست استعمال ڪري سگهي. |

# درجو چوٿون (Grade-IV)

## پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism

| | |
|---|---|
| ☜ معيار Standard (چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. آکاڻيءَ جي ڪردارن، واقعن، فطرت جي متعلق موضوعن تي لکيل، پرولين ۽ لطيفن تي پنهنجو ردِعمل ظاهر ڪري سگهن. |
| ☜ مرحليوار حد Benchmark | 1. آکاڻيون، واقعا، نظم، پروليون ۽ لطيفا پڙهي يا ٻڌي، انهن تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. آکاڻيءَ جي ڪردارن، واقعن، پرولين ۽ لطيفن کي پڙهي يا ٻڌي، پنهنجي پسند ۽ ناپسند جو اظهار ڪري سگهي.<br>2. نظم/ بيت کي انفرادي ۽ اجتماعي طور تي پڙهي، پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. پڙهيل يا ٻڌل آکاڻيءَ جي ڪردارن، مرڪزي خيالن ۽ نتيجن تي پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي.<br>4. آکاڻين ۽ نظمن ۾ ڏنل فطري منظرن، ڪيفيتن ۽ حالتن تي پنهنجن جذبن جو اظهار ڪري سگهي.<br>5. ڪنهن تقريب يا نمائش کي ڏسي، ان جي ڪنهن خاص سرگرميءَ تي، پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي. |

## درجو چوٿون (Grade-IV)

## زندگيءَ جون مهارتون Life Skills

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن تہ:<br>1. ماحول، سماجي واقعن ۽ مسئلن بابت گفتگو ڪري سگهن.<br>2. روزمره جي معاملن ۾ ٻوليءَ کي ابلاغ طور استعمال ڪري سگهن.<br>3. عام مطالعي جي عادت پختي ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. عملي زندگيءَ ۾ مثبت سماجي روين جو اظهار ڪري سگهن. | 2. بنيادي نوعيت جي واقعن جي تفصيل جو زباني ۽ تحريري نموني سان اظهار ڪري سگهن. | 3. اضافي مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. خوشي، غم ۽ همدرديءَ جي جذبن جو موقعي جي مناسبت سان، پنهنجن لفظن ۾ اظهار ڪري سگهي.<br>2. ماحول ۽ سماجي واقعن (ميلن،ملاڪڙن، ثقافتي ڏڻن، تقريبن وغيره ) بابت پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. اسڪول جي سطح تي منعقد ڪيل تقريبن ۾ ميزبان ۽ مددگار ڪمپيئر جا فرض ادا ڪري سگهي.<br>4. عملي زندگيءَ ۾ مثبت سماجي روين (سهپ، رواداري، برابري، ٻين جي راءِ جو احترام، امن ۽ هم آهنگي وغيره) جو اظهار ڪري سگهي.<br>5. عوامي جڳهين (مارڪيٽ، بئنڪ، ريلوي اسٽيشن، بس اسٽاپ، پبلڪ پارڪ، اسپتال، پوسٽ آفيس وغيره) تي نظم و ضبط جو مظاهرو ڪري سگهي. | 1. ڪمپيوٽر ۽ موبائيل فون مان معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ڪري سگهي.<br>2. سنڌيءَ ۾ رسيدون ۽ لاڳاپيل فارم (داخلا فارم، چيڪ بڪ، چالان فارم، امتحاني فارم وغيره) ڀري سگهي.<br>3. روزمره جي زندگيءَ ۾ بجلي، پاڻي ۽ گئس جي درست استعمال جي آگاهي حاصل ڪري سگهي.<br>4. پنهنجن خيالن ۽ جذبن کي زباني ۽ تحريري طور مثبت انداز ۾ پيش ڪري سگهي.<br>5. ڪنهن بہ ماڳ جي سير ۽ سفر جو احوال زباني بيان ڪري سگهي. | 1. اخبارن، رسالن ۽ اشتهارن کي سمجهي، پڙهي سگهي.<br>2. ٻارن جي رسالن ۽ اخبارن ۾ پنهنجيون تخليقون موڪلي ۽ ٻين جي لکيل مواد تي پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>3. پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا ذريعي ڄاڻ حاصل ڪري سگهي.<br>4. پنهنجي اسڪول ۽ پاڙي جي لائبريريءَ مان پنهنجي دلچسپيءَ جا رسالا ۽ ڪتاب وٺي، انهن جو مطالعو ڪري سگهي. |

# درجو پنجون (Grade-V)

## ٻڌڻ Listening

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن تہ:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي ڇهہ هزار لفظ ٻڌي، انهن جي معنىٰ ۽ مفهوم کي سمجهي سگهن.<br>2. روزمره جي ڳالهہ ٻولهہ ٻڌي، مرکب جملن جي جزن کي ملائي، مفهوم پروڙي سگهن.<br>3. سنڌيءَ ۾ آکاڻين، واقعن، تقريرن ۽ خطبن کي ٻڌي، انهن جو پنهنجي روزمره واري زندگيءَ سان تعلق جوڙي سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي ڇهہ هزار لفظ ٻڌي، انهن جي معنىٰ سمجهي سگهن. | 2. روزمره جي زندگيءَ ۾ مرکب جملا ٻڌي ۽ سمجهي سگهن. | 3. سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون، واقعا، تقريرون، خطبا، هدايتون، اعلان، اشتهار ۽ نظم ٻڌي سمجهي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. غلط ۽ صحيح اُچارن جي ادائگي ۽ لهجو ٻڌي، انهن ۾ فرق ڪري سگهي.<br>2. ڪلاس ۾ رواني‌ءَ سان ڳالهايل لفظن ۽ عبارت ۾ استعمال ٿيل جملن جي معنىٰ ۽ مفهوم ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>3. عبارت ۾ استعمال ڪيل محاورن ۽ اصطلاحن کي ٻڌي ۽ سمجهي سگهي. | 1. ٻڌل جملن جي تسلسل ۽ بي ترتيبيءَ کي سمجهي سگهي.<br>2. گهر، اسڪول، شهر ۽ ڳوٺ ۾ تعريفي ۽ تنقيدي گفتگو ٻڌي، ردعمل ظاهر ڪري سگهي.<br>3. مرکب جملا (هاڪاري، ناڪاري، سواليہ ۽ عجب وارا) گفتگوءَ ۾ ٻڌي، سمجهي سگهي.<br>4. ٻوليءَ جي تشبيهن، استعارن ۽ پهاڪن کي ٻڌي ۽ انهن جي مفهوم کي بيان ڪري سگهي.<br>5. ابلاغ جي ذريعن (ريڊيو، ٽي وي، سوشل ميڊيا وغيره) تان ملڪ ۽ دنيا بابت ڳالهيون ٻڌي، معلومات حاصل ڪري ۽ تجزيو ڪري سگهي. | 1. ڪهاڻيون، واقعا، تقريرون، خطبا، هدايتون، اشتهار، اعلان ٻڌي، انهن جي مثبت ۽ منفي پهلوئن جو تجزيو ڪري سگهي.<br>2. نظم ٻڌي ان جو مفهوم ۽ مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.<br>3. آکاڻي ٻڌي ڪردارن جي اهميت ۽ مرڪزي خيال کي پروڙي سگهي.<br>4. آکاڻي ٻڌي ان جي مرڪزي خيال بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي. |

# درجو پنجون (Grade-V)

## ڳالهائڻ Speaking

| معيار Standards (چوٿين ڪان پنجين درجي تائين) ☜ | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي ڇهه هزار لفظ ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪري سگهن.<br>2. روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۾ مرڪب جملن جي جزن کي ملائي، مفهوم بيان ڪري سگهن.<br>3. سنڌيءَ ۾ آکاڻين، واقعن، تقريرن ۽ خطبن مان حاصل ڪيل معلومات پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهن. | | |
|---|---|---|---|
| مرحليوار حد Benchmarks | 1. گهٽ ۾ گهٽ ابتدائي ڇهه هزار لفظ ٻڌي، ڳالهائي سگهن. | 2. گهر، اسڪول ۽ آسپاس ۾ رائج ٻوليءَ کي روانيءَ سان ڳالهائي سگهن. | 3. سنڌيءَ ۾ ڪهاڻيون، واقعا، تقريرون، خطبا، هدايتون، اشتهار، اعلان ۽ نظم ٻڌي، انهن کي پنهنجن لفظن ۾ ٻڌائي سگهن. |
| سکيا جي حاصلات SLOs ☜ | 1. غلط ۽ صحيح اچارن جي ادائگي ۽ لهجو ٻڌي، صحيح اُچارن جي ادائگي ڪري سگهي.<br>2. ڪلاس ۾ روانيءَ سان ڳالهايل لفظن جي معنىٰ ۽ مفهوم ٻڌي، سمجهي ۽ بيان ڪري سگهي.<br>3. محاورن ۽ اصطلاحن کي ڳالهه ٻولهه ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>4. وڏي آواز ۾ ٻڌايل/ پڙهايل ڪهاڻي يا درجيوار متن کي سمجهي بيان ڪري سگهي. | 1. ٻڌل جملن جي تسلسل يا بي ترتيبيءَ کي سمجهي، بيان ڪري سگهي.<br>2. گهر، اسڪول ۽ ڳوٺ ۾ پسنديده ۽ تنقيد واري گفتگو ٻڌي، پنهنجي راءِ ڏئي سگهي.<br>3. مرڪب هاڪاري، ناڪاري، سواليه ۽ عجب وارا جملا ڳالهائي سگهي.<br>4. پنهنجي جاڄ ۽ مشاهدي جي روشنيءَ ۾ چوڻين ۽ پهاڪن کي ڳالهه ٻولهه ۾ مناسب استعمال ڪري سگهي.<br>5. گهريلو، تعليمي ضرورتون ۽ خواهشون بيان ڪري سگهي. | 1. ڪا به ڪهاڻيون، واقعا، تقريرون، خطبا، هدايتون، اشتهار ۽ اعلان ٻڌي، انهن کي پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪري سگهي.<br>2. سُر ۽ لَئه جي حوالي سان نظمن کي ٻڌي، لطف وٺي ۽ انهن جو پنهنجن لفظن ۾ اظهار ڪري سگهي.<br>3. پنهنجي حافظي ۾ موجود وٽندڙ نظم ۽ نثر ٻڌائي سگهي.<br>4. ٻڌايل/ پڙهايل ڪهاڻيءَ جي ڪردارن جي اهميت ۽ مرڪزي خيال بابت راءِ جو اظهار ڪري سگهي.<br>5. ٻڌايل/ پڙهايل آکاڻيءَ مان ٻن ٽڙ (Direct) ۽ ٽن امڪاني (Infer) سوالن جا جواب ڏئي سگهي. |

## درجو پنجون (Grade-V)

## پڙهڻ Reading

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standards<br>(چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته .<br>1. عبارت جي مقصد کي سمجهي، رواني؛ سان پڙهي سگهن.<br>2. مطالعي جي عادت پختي ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. سادن ۽ مرڪب جملن واري پئراگراف کي سمجهي روانيءَ سان پڙهي سگهن. | 2. آکاڻيون، مضمون، ڳجهارتون ۽ ٽوٽڪا وغيره پڙهي سمجهي سگهن. | 3. پنهنجي درجي موجب ڏنل تحرير جو خاموش مطالعو ڪري ان متعلق گفتگو ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. لکڻين کي ليکڪ جي مقصد مطابق پڙهي، ان مان نتيجو ڪڍي سگهي.<br>2. سادن ۽ مرڪب جملن تي مشتمل ٽي يا ٽن کان مٿي پئراگراف سمجهي پڙهي سگهي.<br>3. هڪ منٽ ۾ گهٽ ۾ گهٽ 100 لفظ درست ادائگي ۽ اُچار سان پڙهي سگهي.<br>4. اخبارن ۽ رسالن ۾ ڏنل خبرن، فيچرن، ايڊيٽوريل، رپورٽن، اشتهارن، ڪالمن ۽ ايڊيٽر ڏانهن لکيل خطن کي روانيءَ سان پڙهي سگهي.<br>5. درجيوار مواد پڙهي، تصوير جي مدد سان نون لفظن جو مفهوم ٻڌائي سگهي.<br>6. درجيوار عبارت پڙهي پنجن مان گهٽ ۾ گهٽ چئن معلوماتي ۽ تفهيمي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>7. روانيءَ سان پڙهڻ دوران بيهڪ جي نشانين جو خيال رکي سگهي. | 1. آکاڻي پڙهي ان جي ڪردارن ۽ مرڪزي خيال تي تبصرو ڪري سگهي.<br>2. آکاڻي پڙهي ان مان ڏنل تفهيمي سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>3. مضمون پڙهي ان جي اهم نُڪتن جو تجزيو ڪري سگهي.<br>4. ٽوٽڪن ۽ڳجهارتن کي پڙهي لڪل ڏاهپ کي سمجهي سگهي. | 1. نظم کي سُر، لئه ۽ روانيءَ سان پڙهي ۽ ان جو مرڪزي خيال بيان ڪري سگهي.<br>2. عبارت خاموشي ۽ روانيءَ سان پڙهي، ان مان ڪو نتيجو ڪڍي سگهي.<br>3. نثر ۽ نظم جي عبارت پڙهي، ان جا بنيادي خيال، عنصر ۽ نتيجا ڪڍي سگهي.<br>4. عبارت پڙهي، ان جي ڪردارن، واقعن ۽ نصيحت بابت سوالن جا جواب ڏئي سگهي.<br>5. نظم پڙهي، ان ۾ موجود آکاڻيءَ کي نثر ۾ بيان ڪري سگهي.<br>6. نظم پڙهي، ان مان رديف ۽ قافين جي چونڊ ڪري سگهي. |

# درجو پنجون (Grade-V)

## لکڻ Writting

| | | |
|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته .<br>1. ربط ۽ تسلسل سان پئراگراف لکي سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. عبارت ۾ ڏنل معلومات ۽ پيغام کي پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهن. | 2. ڳڻپ جي انگن کي لفظن ۾ لکي سگهن ۽ عددن جي ترتيب کي سمجهي، لکي سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. ڪنهن به موضوع تي مربوط عبارت لکي سگهي.<br>2. مرڪب جملا لکي سگهي.<br>3. زباني صورتخطي درست ۽ مناسب رفتار سان لکي سگهي.<br>4. آکاڻي، نظم، واقعو ۽ ڊرامو پڙهي، انهن جي بنيادي خيالن ۽ نتيجن کي اخذ ڪري لکي سگهي.<br>5. عبارت (نثر ۽ نظم) کي پڙهي، معلوماتي (Knowledge)، تفهيمي (Comprehension) ۽ اطلاقي(Application) سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>6. مختصر اکاڻي پڙهي، پنهنجن لفظن ۾ لکي سگهي.<br>7. تصويري آکاڻيءَ کي لفظن جي ربط ۽ تسلسل سان لکي سگهي.<br>8. اصطلاح، قول ۽ چوڻيون پنهنجن جملن ۾ استعمال ڪري لکي سگهي.<br>9. پنهنجن روزمره جي ڪمن بابت مربوط پئراگراف لکي سگهي.<br>10. تصويري خاڪي جي مدد سان استاد جي رهنمائيءَ ۾ پئراگراف لکي سگهي.<br>11. ڪنهن تقرير يا خطبي جي اهم نُڪتن کي لکي سگهي.<br>12. ننڍا ننڍا بيت ۽ نظم پڙهي، انهن جي معنىٰ ۽ مفهوم لکي سگهي.<br>13. پنهنجي آسپاس جي ماحول جو مشاهدو ڪري، عبارت لکي سگهي.<br>14. خبرن ۽ فيچرن جي متن کي اتاري ۽ اهم سوالن جا جواب لکي سگهي.<br>15. مختلف عنوانن تي مضمون لکي سگهي. | 1. گهٽ ۾ گهٽ هڪ سؤ تائين ڳڻپ جي انگن کي لفظن ۾ لکي سگهي.<br>2. عددن جي ترتيب کي سمجهي لکي سگهي. جيئن: پنجون، پنجين، پنجِين وغيره |

# درجو پنجون (Grade-V)

## تقرير Speech

| | | |
|---|---|---|
| ☜ معيار<br>Standard<br>(چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روزمره جي زندگيءَ بابت پنهنجا تجربا، مشاهدا، احساس ۽ خيال اعتماد سان پيش ڪري سگهن. | |
| ☜ مرحليوار حد<br>Benchmarks | 1. روزمره جي زندگي متعلق مختلف موضوعن تي پنهنجي اسڪول ۾ مختلف موقعن تي مختصر تقرير ڪري سگهن. | 2. پنهنجي آسپاس متعلق روزمره جي موضوعن تي پنهنجن لفظن ۾ روانيءَ ۽ اعتماد سان مختصر تقرير ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات<br>SLOs | 1. ڪنهن به ڏنل موضوع (صحت، صفائي، رانديون، ۽ تعليم وغيره) تي گهٽ ۾ گهٽ پنجن منٽن تائين ربط ۽ تسلسل سان پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي.<br>2. بزمِ ادب ۽ مختلف ڏڻن جي موقعي جي مناسبت سان، ڪنهن به تقريب ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. اسڪول جي سطح تي ٿيندڙ تقريري مقابلن ۾ حصو وٺي سگهي. | 1. موقعي جي مناسبت سان مواد ۽ لفظن جي چونڊ ڪري، گهٽ ۾ گهٽ ٻن منٽن تائين پنهنجن لفظن ۾ تقرير ڪري سگهي.<br>2. موقعي جي مناسبت سان، گهربل لهجي ۽ آواز جي لاهه چاڙهه ۽ اعتماد سان، گهٽ ۾ گهٽ ٻن مِنٽن تائين پنهنجا خيال پيش ڪري سگهي.<br>3. سادن ۽ مرڪب جملن تي ٻَڌل تقرير ڪرڻ وقت، جسماني چرپر ۽ تاثرات سان ان کي اثرائتو بنائي سگهي. |

## درجو پنجون (Grade-V)

## تخليقي تحرير Creative Writing

| | |
|---|---|
| ☜ معيار Standard (چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. روزمره جي موضوعن تي پنهنجن تجربن، مشاهدن، احساسن ۽ خيالن کي مربوط انداز ۾ رواني؞ سان لکي سگهن. |
| ☜ مرحليوار حد Benchmark | 1.روزمره جي عنوانن جهڙوڪ: اسڪول، گهر، جانور، شخصيت، صفائي، صحت، تعليم ۽ ماحول وغيره تي مختلف قسم جي مربوط ۽ تسلسل وارين لکڻين ذريعي، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. روزمره جي ڪنهن به موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ ستن کان ڏهن سادن ۽ مرڪب جملن تي مشتمل پئراگراف لکي سگهي.<br>2. روزمره جي ڪنهن به موضوع تي پنهنجن لفظن ۾ ڏهن کان پندرنهن سادن ۽ مرڪب جملن تي مشتمل مضمون لکي سگهي.<br>3. آکاڻي؞ جي جزن (شروعات، عروج ۽ پڇاڙي) تي مشتمل مختصر آکاڻي لکي سگهي.<br>4. ماءُ، پيءُ، ڀاءُ، ڀيڻ ۽ دوست ڏانهن صحت، تعليم، سير ۽ سفر بابت خط لکي سگهي.<br>5. اسڪول جي هيڊ ماستر/ استاد کي درخواست لکي سگهي.<br>6. مضمون، خط، آکاڻي ۽ پئراگراف لکڻ وقت گرامر جي اصولن جو خيال رکي، لکي سگهي. |

# درجو پنجون (Grade-V)

## زبان شناسي Language Cognition

| | |
|---|---|
| معيار Standard (چوٿين ڪان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. تحرير ۽ تقرير ۾ گرامر جو خيال رکي سگهن. |

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| مرحليوار حد Benchmarks | 1. زمانن مطابق جملن جي جوڙجڪ کي سمجهي ۽ پنهنجي ٻوليءَ ۾ استعمال ڪري سگهن. | 2. لفظن جي ذخيري جو درست استعمال ڪري سگهن. | 3. ڳالهائڻ جي لفظن موجب جملن جي جوڙجڪ کي سمجهي ۽ استعمال ڪري سگهن. | 4. عبارت ۾ بيهڪ جي نشانين جو درست استعمال ڪري سگهن. |
| سکيا جي حاصلات SLOs | 1. ٽنهي زمانن (حال، ماضي ۽ مستقبل) موجب جملا جوڙي سگهي.<br>2. مفرد ۽ مرڪب جملا زمانن (حال، ماضي ۽ مستقبل) مطابق بدلائي سگهي.<br>3. زمان حال، زمان ماضي ۽ زمان مستقبل جي وصف ۽ استعمال کي سمجهي سگهي.<br>4. مختلف قسم جا جملا (بياني، سوالي، امري ۽ ندائي) بدلائي سگهي.<br>5. بي ترتيب جملي کي درست ترتيب ڏئي سگهي.<br>6. فاعل ۽ مفعول جو فعل سان گردان ڪري سگهي. | 1. متن مان مذڪر ۽ مؤنث لفظن جي نشاندهي ڪري سگهي.<br>2. هم معنیٰ ۽ متضاد لفظن جي فرق کي سمجهي سگهي.<br>3. جمع کي واحد ۽ واحد کي جمع لفظن ۾ تبديل ڪري سگهي.<br>4. الف- ب وار ڏِسٽي (Index) موجب لغت مان لفظ ڳولي، ان جي معنیٰ ۽ مفهوم سمجهي استعمال ڪري سگهي.<br>5. ڏنل لفظن ۽ ڪردارن جي مدد سان آکاڻي ٺاهي سگهي. | 1. ظرف ۽ ان جي قسمن کي سمجهي، جملن ۾ استعمال ڪري سگهي.<br>2. حرف ندا (خوشي، عجب، افسوس، ارمان، تمنا وغيره) جو جملن ۾ درست استعمال ڪري سگهي. | 1. بيهڪ جي نشانين (دم، اڌ دم، ڏنگين ۽ واڪ جي نشانين) جو درست استعمال ڪري سگهي.<br>2. تنوين کي سمجهي، ان جو استعمال ڪري سگهي.<br>3. لفظن ۾ اڳياڙين ۽ پڇاڙين کي سمجهي، انهن کي استعمال ڪري سگهي.<br>4. اعرابن (زبر، زير، پيش) لڳائڻ سان معنیٰ جون تبديليون سمجهي سگهي. |

## درجو پنجون (Grade-V)

## پسنديدگي ۽ تنقيد Appreciation and Criticism

| | |
|---|---|
| معيار ☜ Standard (چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن ته:<br>1. آکاڻيءَ جي ڪردارن، واقعن، فطرت متعلق موضوعن تي لکيل نظمن، ڳجهارتن ۽ لطيفن تي پنهنجو ردعمل ظاهر ڪري سگهن. |
| مرحليوار حد ☜ Benchmark | 1. روزمره جي زندگيءَ بابت آکاڻين، واقعن، نظمن، ڳجهارتن ۽ لطيفن کي پڙهي يا ٻڌي، پنهنجي پسند يا ناپسند جو اظهار ڪري سگهن. |
| سکيا جي حاصلات ☜ SLOs | 1. نظم ۽ شعر ياد ڪري، انفرادي ۽ اجتماعي طور سُر سان پڙهي سگهي.<br>2. آکاڻين ۽ نظمن ۾ ڏنل فطري منظرن، ڪيفيتن ۽ حالتن تي پنهنجن جذبن ۽ احساسن جو اظهار ڪري سگهي.<br>3. ڪنهن تقريب ۽ تهوار، ميلي يا نمائش کي ڏسي، ان جي ڪنهن خاص سرگرميءَ تي پنهنجي ردعمل جو اظهار ڪري سگهي.<br>4. پنهنجي ڪلاس ۾ لطيفا ۽ ڳجهارتون ٻڌي، ٻڌائي ۽ ڳجهارتون پيجي لطف اندوز ٿي سگهي.<br>5. پنهنجي پسند جون تصويرون، خاڪا ۽ شڪليون ٺاهي لطف اندوز ٿي سگهي.<br>. |

## درجو پنجون (Grade-V)

## زندگيءَ جون مهارتون Life Skills

| | | | |
|---|---|---|---|
| ☜ معيار Standards (چوٿين کان پنجين درجي تائين) | شاگرد ان قابل ٿي وڃن تہ:<br>1. ماحول، سماجي واقعن ۽ مسئلن بابت گفتگو ڪري سگهن.<br>2. روزمرهہ جي معاملن ۾ ٻوليءَ کي ابلاغ طور استعمال ڪري سگهن.<br>3. عام مطالعي جي عادت پختي ڪري سگهن. | | |
| ☜ مرحليوار حد Benchmarks | 1. زباني ۽ تحريري طور مشاهدن ۽ واقعن بابت اظهار ڪري سگهن ۽ مثبت سماجي روين جو مظاهرو ڪري سگهن. | 2. ابلاغ ۾ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڪري سگهن. | 3. عام مطالعي جي عادت پيدا ڪري سگهن. |
| ☜ سکيا جي حاصلات SLOs | 1. خوشي، غم ۽ همدرديءَ جي جذبن جو تحريري ۽ زباني طور اظهار ڪري سگهي.<br>2. ٻين جي مدد ڪري سگهي.<br>3. ضرورت وقت مناسب فيصلن ڪرڻ جي سگهہ جو مظاهرو ڪري سگهي.<br>4. روزمرهہ جي زندگيءَ ۾ تخليقي ۽ تنقيدي راءِ ڏئي سگهي.<br>5. خود اعتماديءَ جو مظاهرو ڪري سگهي.<br>6. قاعدن ۽ ضابطن جي پابندي ڪري سگهي.<br>7. ٻارن جي رسالن ۽ اخبارن ۾ پنهنجون لکڻيون موڪلي سگهي.<br>8. دوستن کي خط، دعوتناما، ايس ايم ايس، اي ميل، مبارڪباد جا ڪارڊ لکي موڪلي سگهي.<br>9. ادبي، ثقافتي، تخليقي ۽ تنقيدي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.<br>10. ڪنهن بہ متن يا واقعي تي پنهنجي تنقيدي راءِ ڏئي ۽ ان بابت سوال پڇي سگهي. | 1. انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جو استعمال ڪري سگهي.<br>2. 'اي_ميل' ڪري ۽ پڙهي سگهي.<br>3. پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ ميڊيا مان حاصل ڪيل معلومات جو تجزيو ڪري سگهي. | 1. ٻارن جا رسالا ۽ اخبارون پڙهي سگهي.<br>2. لائبريريءَ مان پنهنجي پسند جا ڪتاب، اخبارون، رسالا ، تصويري مواد پڙهي ۽ سمجهي سگهي.<br>3. اسڪول ۾ ٿيندڙ هم نصابي سرگرمين ۾ حصو وٺي سگهي.<br>4. ڪنهن ماڳ يا سفر جو احوال پڙهي، بيان ڪري سگهي.<br>5. آکاڻي، مضمون نويسي، تقريري مقابلن، خوشخطي، مصوري، موسيقي ۽ راندين جي مقابلن ۽ چٽاڀيٽين ۾ حصو وٺي ۽ انهن جو احوال پڙهي ۽ لکي سگهي. |

# پهرئين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان

## پاڱو پهريون:  پرائيمر

- الف_ب جي اکرن جي آوازن، شڪلين ۽ نالن جي سڃاڻپ
- اعرابون : (زبر، زير، پيش ۽ مد)
- ا،و،ي جي مدد سان ٻن، ٽن، چئن ۽ پنجن اکرن وارا لفظ ٺاهڻ
- جوڙ ٽوڙ: لفظن ۽ پدن کي جوڙڻ ۽ ٽوڙڻ
- سادا جملا پڙهڻ ۽ لکڻ

## پاڱو ٻيو:  ريڊر

1. حمد(هڪ): [آسان ۽ سادو هجي، جيڪو پهرئين درجي جي ٻارن جي ذهني پهچ مطابق هجي]
2. نعت(هڪ): [آسان ۽ سادي هجي، جيڪا پهرئين درجي جي ٻارن جي ذهني پهچ مطابق هجي]

3. **سبق (ڏهه عدد):** (مضمون ۽ ڪهاڻيون، جن ۾ تصويري ڪهاڻيون ٻه هجن)

## نثر وارا ٻه سبق: (شاگردن جي ذهني سطح مطابق هجن)

**موضوع:**

منهنجو تعارف، منهنجو گهر، منهنجو ڪٽنب ، منهنجو اسڪول ۽ گڏجي رهڻ.

## نثر وارا اٺ سبق:

**موضوع:**

الله سائينءَ جون نعمتون، منهنجو وطن، موسم، برسات، اندلٺ، پالتو جانور، پکي، وڻ، ڀاڄيون ۽ ميوا، منهنجو دوست، صحت ۽ صفائي، راند (لڪ لڪوٽي)، گفتگوءَ جا آداب، رواداري، احترام، سچائي ۽ ٽرئفڪ جا اشارا.

## نظم / گيت (پنج عدد):

**موضوع:**

وطن پرستي، اخلاقيات، فطرت جي منظرن ۽ سچائيءَ جي موضوعن تي سادا نظم / گيت، جيڪي پهرئين ڪلاس جي ٻارن جي ذهني پهچ ۽ دلچسپيءَ موجب هجن.

- نظمن ۽ سبقن جي چونڊ ڪرڻ / لکڻ وقت سنڌي نصاب جي ’معيارن‘، ’مرحليوار حد‘ ۽ ’سکيا جي حاصلات‘ جو خاص خيال رکيو وڃي.

نوٽ: گرامر جو تفصيل، **’زبان شناسي‘** جي لاڳاپيل پاڱي ۾ ڏنل آهي.

## ٻئي درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان

1. **حمد (هڪ):** [سادن ۽ آسان لفظن ۾ هجي، جيڪو ٻئي درجي جي ٻارن جي ذهني صلاحيت موجب هجي.]
2. **نعت (هڪ):** [سادن ۽ آسان لفظن ۾ هجي، جيڪا ٻئي درجي جي ٻارن جي ذهني صلاحيت موجب هجي.]

3. **سبق (پندرهن):** [مضمون ۽ آکاڻيون، جن ۾ هڪ آکاڻي مڪالمن سان، هڪ ڪهاڻي ڊرامي جي صورت ۾ ۽ ٻه ڪهاڻيون تصويري هجن]

**موضوع:**
اسان جو نبي سڳوروﷺ، پاڪستان جو باني قائد اعظم محمد علي جناح، پاڪستاني مشاهير / شهيد (سنڌ جي پسمنظر ۾)، حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي، ڏڻ ڏهار، ماحوليات (موسم ۽ ماحول)، سائنس (روشني ۽ گرمي) آمدرفت جا ذريعا (بس يا ريل گاڏيءَ جو سفر)، سير ۽ سياحت (مقامي جاءِ يا باغ جو سير)، ذاتي صحت ۽ صفائي، ڏڻ (مذهبي، قومي ۽ ثقافتي)، ڪفايت شعاري (پاڻي، بجلي ۽ گيس)، سٺيون عادتون، رانديون، پروليون، پالتو جانور ۽ پکي.

4. **نظم (ڇهه عدد):**

**موضوع:**
منهنجو وطن، قدرتي منظر، اخلاقيات، رانديون، پالتو جانور، پکي، دوستي.

- نظمن ۽ سبقن جي چونڊ ڪرڻ / لکڻ وقت سنڌي نصاب جي 'معيار'، 'مرحليوار حد' ۽ 'سکيا جي حاصلات' جو خاص خيال رکيو وڃي.

نوٽ: گرامر جو تفصيل، **'زبان شناسي'** جي لاڳاپيل ڀاڱي ۾ ڏنل آهي.

## ٽئين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان

1. **حمد (هڪ):** [سادن لفظن ۾ هجي، جيڪو ٽئين درجي جي ٻارن جي ذهني صلاحيت موجب هجي]
2. **نعت (هڪ):** [سادن لفظن ۾ هجي، جيڪا ٽئين درجي جي ٻارن جي ذهني صلاحيت موجب هجي]

3. **سبق (پندرهن):** [آکاڻيون ۽ مضمون، جن ۾گهٽ ۾ گهٽ ٻہ ڪهاڻيون جن ۾ (هڪ مڪالماتي ۽ هڪ تصويري) هجن ۽ هڪ خط بہ شامل هجي].

**موضوع:**

سيرت (ڪردار سازي)، انصاف (صورتحال موجب مناسب روين جي چونڊ)، ڏڻڻا، پاڪستاني مشاهير / اڳواڻ (سنڌ جي حوالي سان)، سائنس (زمين / خلا)، اخلاقيات (رحمدلي ۽ بهادري)، مندون، ٻارن جا حق، رستن تي هلڻ جا قاعدا، قومي جهنڊو، سير ۽ سفر (تاريخي ماڳ ۽ قدرتي منظر)، ڏڻ (مذهبي، قومي ۽ ثقافتي)، وتائي فقير جون ڳالهيون، مقامي رانديون، هنر، پاڪستان جا پاڙيسري، قدرتي آفتون (زندگيءَ جي مهارتن جي تناظر ۾) ۽ موبائيل جي ڪهاڻي وغيره.

## 4. نظم (ڇهہ عدد):

فطرت جا منظر، وطن پرستي، اخلاقيات، راند، محنت، سائنس ۽ مزاح.

- نظمن ۽ سبقن جي چونڊ ڪرڻ / لکڻ وقت، سنڌي نصاب جي 'معيارن'،'مرحليوار حد' ۽ 'سکيا جي حاصلات' جو خاص خيال رکيو وڃي.

نوٽ: گرامر جو تفصيل، **'زبان شناسي'** جي لاڳاپيل ڀاڱي ۾ ڏنل آهي.

# چوٿين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان

[ڪتاب، ويهن درسي يونٽن/ سبقن کان وڌيڪ ضخيم نہ هجي. سنڌيءَ جي درسي ڪتاب جو هدف، سنڌي زبان جي سکيا آهي. جنهن ۾ سمورين لساني مهارتن جي حاصلات لازمي آهي. نصابي/ درسي ڪتاب ۾ سڀ مهارتون نمايان هجن، جن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نصاب جي معيارن (Standards) مرحليوارحدن (Benchmarks) ۽ سکيا جي حاصلات (SLOs) ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي. موضوع پنهنجي ليکي اهم نہ آهن، پر انهن جي پيشڪش ۽ مواد جي جوڙجڪ اهم آهي. تفصيلي هدايتون درسي ڪتاب جي عنوانن سميت هيٺ ڏجن ٿيون.]

## 1. پاڪستاني ثقافت (چار سبق)

هيٺ ڏنل موضوعن تي چار سبق نصاب ۾ شامل ڪيا وڃن:

I. مشاهير — (خاص طور تي جن کي مثالي ڪردار (Role Model) مڃيو وڃي ٿو.)
II. يادگار عمارتون — (فنِ تعمير، تهذيبي، تاريخي ۽ ثقافتي لحاظ کان)
III. سنيون عادتون ۽ ڏڻ — (اخلاقي طور طريقا، سماجي ۽ مذهبي ڏڻ)
IV. ڪمپيوٽر جو تعارف — (خاص طور تي سنڌيءَ جي استعمال جو ذڪر)

(هر سبق ۾ زبان شناسيءَ جي ڪنهن هڪ لساني پهلوءَ جي خصوصي سکيا کي اهميت ڏنل هجي. هڪ اضافي لساني پهلو باهمي عمل (Interactive) مشقن ۾ شامل ٿي سگهي ٿو. ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي مهارتن تي بہ خاص ڌيان ڏنو وڃي)

## 2. اخلاق / زبان / قومي سڃاڻپ ( چار سبق)

I. حضرت سچل سر مستؒ
II. سنڌي زبان جي ضرورت ۽ اهميت — (خاص طرح سان روزمرہ جي ضرورتن، علمي، هنري يا فني اهميت جي حوالي سان)
III. قومي جهنڊي جي باري ۾ ڄاڻ — (دنيا جي جهنڊن جي حوالي سان تاريخ)
IV. سنڌ جون هستيون

(زبان شناسيءَ جي هڪ پهلوءَ ۽ باهمي عمل (Interactive) مشقن ۾ سکيا سان گڏو گڏ لکڻ جي مهارت تي بہ وڌيڪ ڌيان ڏنو وڃي)

## 3. هڪ سنڌي لوڪ ڪهاڻي شامل ڪئي وڃي، جنهن جو موضوع اخلاقي هجي.

## 4. مضمون:

ڇهہ مضمون شامل ڪيا وڃن.

I. سُٺو شهري — (عالمي شهريءَ جون خاصيتون بہ شامل هجن)
II. خلق جي خدمت — (واقعاتي بيان ۾)
III. امداد باهمي — (واقعي، خبر جي حوالي سان)
IV. رانديون — (مقامي، قومي ۽ عالمي)
V. صحت ۽ صفائي
VI. قدرتي آفتون ۽ بچاءُ
VII. حق ۽ فرض
VIII. جمهوري رويا


اداره نصاب، جائزو ۽ تحقيق- اسڪولن جي تعليم ۽ خواندگيءَ جو کاتو، حڪومت سنڌ.

IX. عدل ۽ انصاف

(مضمون نويسي ۽ تقرير جهڙين اعلىٰ مهارتن جو بنياد هن درجي ۾ رکي سگهجي ٿو. مشاهدي جي تربيت / مواد جي فراهمي، ڪتابن جي مطالعي طرف لاڙي وغيره ڪي مشقن ۾ شامل ڪري سگهجي ٿو.)

## 5. نظم:

I. حمد (الله تعاليٰ جي تعريف، ڪائنات ۽ فطرت ۾ موجود منظرن ذريعي ڪرڻ)

II. نعت (پاڻ سڳورنﷺ جا اخلاق، انساني همدردي، شفقت ۽ محبت جو پهلو)

III. منظر (فطري منظر نگاريءَ بابت جانورن ۽ ماحول جا موضوع، گهٽ ۾ گهٽ ٻہ نظم)

IV. واقعي يا آکاڻي تي نظم

V. نغمو (تحت الفظي، ترنم جي خصوصيت وارو)

VI. مزاحيہ

(زبان شناسيءَ جي پهلوئن کي آڏو رکندي، خاص ڪري، آهنگ / لئہ، تلفظ، يادگيري، هم معنىٰ، متضاد، ٻٽن لفظن ۽ هم قافيہ لفظن جي سکيا جي حوالي سان چونڊيا / لکيا وڃن).

- هڪ تصويري ڪهاڻي نصاب ۾ شامل ڪئي وڃي، جنهن جي مدد سان شاگرد ڪهاڻي تخليق ڪري سگهن. ان کان سواءِ ٻہ اهڙيون ڪهاڻيون بہ شامل ڪيون وڃن، جن مان هڪ ۾ ڪو اسلامي پهلو شامل هجي. ٻيو پهلو ڪنهن شخصيت يا واقعي جي حوالي سان هجي. ٻي ڪهاڻي پاڪستاني مشاهيرن / شهيدن جي حوالي سان هجي.

- لطيفن، پرولين، ڳجهارتن کي مختلف سبقن جو حصو بڻائي سگهجي ٿو.

## 6. زبان شناسي / گرامر

I. سادي جملي جي جوڙجڪ تي عبور حاصل ڪرڻ

II. مذڪر ۽ مؤنث

III. اسم خاص ۽ اسم عام

IV. هم معنىٰ ۽ متضاد لفظن ۾ فرق

V. واحد ۽ جمع

VI. بيهڪ جون نشانيون

VII. فاعل، فعل ۽ مفعول سان لاڳاپيل حرف جر ۽ حرف اضافت جو استعمال

VIII. ندائي ۽ متشڪي جملن جو استعمال

IX. سواليہ لفظن جو استعمال

X. تنوين جو استعمال

XI. حرف جر ۽ حرف جملي جو استعمال

XII. ڪهاڻي لکڻ (اشارن جي مدد سان).

(انهن مٿين ڳالهين کي سبقن ۾ اهڙيءَ طرح سمايو وڃي، جو مُجرد تصور بدران بيانيہ ۽ باهمي عمل (Interactive) وارين مشقن ۾ انهن جي حاصلات ممڪن ٿي سگهي. خاص طرح عملي، لساني مشقن ۾ هڪ زمان کان ٻئي زمان جي تبديلي يا هم معنىٰ ۽ متضاد لفظن جي صورت ۾ آڻڻ، سادن جملن کي سوالي يا ناڪاري جملن ۾ بدلائڻ وغيره.

# پنجين درجي لاءِ تجويز ڪيل عنوان

[ڪتاب ويهن درسي سبقن ڪان وڌيڪ ضخيم نہ هجي، هن سطح تي لساني مهارتن خاص طور تي مرڪب جملا، ذاتي مشاهدا، خيالن جا بيان ۽ روزمرهہ جون لساني گهرجون اهم آهن، جن کي آڏو رکي هيٺ ڏنل سبق لکرايا وڃن. مشقون باهمي عملي نوعيت جون هجن.]

## 1. شخصيتون / ثقافت / سنڌ سماء / سائنس:

هن حصي ۾ هيٺ ڏنل موضوعن تي ٻڌل گهٽ ۾ گهٽ ڏهہ مضمون شامل ڪيا وڃن.

- نامياري پاڪستاني شخصيت (خاص طور تي قومي، سماجي، تهذيبي ۽ علمي پهلونمايان هجن.)
- پاڪستان جي ڪنهن هڪ تهذيبي (يونيسڪو جون سفارشون ڌيان ۾ رکڻ گهرجن.)
- ورثي جي باري ۾ معلوماتي
- مضمون (موهن جو دڙو)
- ڪائنات جي سائنسي مطالعي (فيچر يا بيانيا مضمون هجن. ڪهاڻي بہ شامل ٿي سگهي ٿي.)
- تي مشتمل مضمون
- انفارميشن ٽيڪنالاجيءَ جو (خاص طور تي سنڌيءَ ۾ اي_ميل ۽ انٽرنيٽ وغيرو جو ذڪر، خط لکڻ يا رپورٽ جي صورت ۾)
- مختصر تعارف
- طبعي ماحول / پاڪستان جا منظر (خاص طور تي ننڍيون رپورٽون، سير ۽ تفريح، آتم ڪهاڻيءَ جي انداز ۾)
- رهڻي ڪهڻي (مثبت رسمن رواجن جو ذڪر، واقعي نگاري يا فيچر)
- اسڪائوٽس ۽ گرلز گائيڊ (تاريخ بيان ڪرڻ بدران صحافتي يا فيچر وارو انداز)
- خلق جي خدمت (واقعي نگاري، شخصيت نگاري يا اهڙوئي ٻيو ڪو انداز).
- مختلف ڏڻن جي باري ۾ معلومات (بيانيہ مضمون)
- ماحوليات (فيچر يا ڪهاڻيءَ جي صورت ۾)
- اخلاقي ڪهاڻي (سماجي حوالي سان)
- سنڌ جون نامور هستيون
- سنڌ جا سماجي، ثقافتي، علمي ۽ ادبي ادارا
- ڏڻ (مذهبي، قومي ۽ ثقافتي)
- آباديات

## 2. ڪهاڻيون (ست)

[آسان ۽ سادي ٻوليءَ ۾ پنجين ڪلاس جي شاگردن جي ذهني صلاحيت کي نظر ۾ رکندي، گهٽ ۾ گهٽ ست اهڙيون ڪهاڻيون شامل ڪيون وڃن، جن ۾ پاڪستاني معاشري خاص طرح سنڌي تهذيب ۽ ماحول جي عڪاسي ڪئي وئي هجي. هنن ڪهاڻين جي تدريس جو پهريون مقصد ٻوليءَ جي سکيا آهي. اڳين موضوعن کي بہ ڪهاڻين جي صورت ۾ پيش ڪري سگهجي ٿو. انهن ۾ بہ اهڙيون ڪهاڻيون شامل ڪيون وڃن، جن مان ڪنهن هڪ ۾ ڪو اسلامي پهلو شامل هجي. اهو پهلو ڪنهن شخصيت جي حوالي سان يا ڪنهن واقعي جي حوالي سان هجي. ٻي ڪهاڻي پاڪستاني مشاهير / شهيدن جي حوالي سان هجي.]

### 3. نظم جو ڀاڱو:

هن حصي ۾ هيٺ ڏنل موضوعن تي اٺ نظم شامل ڪيا وڃن.

1. حمد (مجرد تصورن بدران ڪائنات، فطرت جا منظر وغيره)
2. نعت (پاڻ سڳورنﷺ جا اخلاق، انساني همدردي، شفقت ۽ محبت جا پهلو)
3. نغمو (تحت الفظي ترنم جي خاصيت سان)
4. منظر (فطري منظر نگاريءَ بابت جانورن ۽ ماحول جي موضوعن تي گهٽ ۾ گهٽ ٻه نظم)
5. بيانيہ (منظر، واقعا ۽ ڪهاڻيون)
6. مزاحيہ

نوٽ: نظمن جي چونڊ وقت پنجين ڪلاس جي شاگردن جي ذهني پهچ سان گڏو گڏ زبان جي سکيا کي به نظر ۾ رکيو وڃي.

### 4. زبان شناسي / گرامر

1. زمان حال، ماضي ۽ مستقبل جي وصف ۽ استعمال
2. غلط جملن جي درستي
3. خال ڀرڻ
4. زمان موجب جملا ناهڻ ۽ انهن کي ٻئي زمان ۾ بدلائڻ
5. فعل مان فاعل ناهڻ
6. فعل جو فاعل ۽ مفعول سان لاڳاپو بيان ڪرڻ.
7. حرف ندا، عجب، افسوس وغيره جو استعمال.
8. اعرابن بدلائڻ سان لفظن جي معنيٰ ۾ تبديليءَ جي سڃاڻپ.
9. لغت مان لفظن جي معنيٰ ڳولڻ
10. اسم جا قسم
11. خط / درخواست
12. ڪهاڻي لکڻ

(مٿين ڳالهين کي سبقن ۾ اهڙيءَ ريت سمايو وڃي، جو مجرد تصورن بدران بيانيہ ۽ باهمي عمل (Interactive) مشقن ۾ ان جي حاصلات ممڪن ٿي سگهي. خاص طرح عملي لساني مشقن ۾ هڪ زمان کان ٻئي زمان جي تبديلي يا هم معنيٰ ۽ متضاد لفظن جي صورت ۾ آڻڻ، سادن جملن کي سوالي يا ناڪاري جملن ۾ بدلائڻ وغيره)

# درسي ڪتابن جي تياري

1. پرائمري سطح تي ڪتاب جي سائيز 8/36/23 هئڻ گهرجي.
2. ڪتاب جو فونٽ 20 کان وڌيڪ رکي سگهجي ٿو، مشقن ۾ هدايتن جي فونٽ جي سائيز 2 پوائنٽس گهٽ هئڻ گهرجي.
3. ضخامت: پرائمري سطح تي ڪتاب جا صفحا تقريبًا هڪ سؤ کان ڏيڍ سؤ تائين هئڻ گهرجن.
4. ڪتاب جو ٽائيٽل، رنگين ۽ وڻندڙ هجي ۽ مناسب مقامي، تهذيبي ۽ ثقافتي پس منظر ۾ ڏنو وڃي.
5. ڪتاب جي پهرئين سبق جي شروع ۾ 'بسم الله الرحمن الرحيم' ترجمي سان ڏجي.
6. درسي ڪتاب جي پيشڪش ۽ لي آئوٽ معياري هجي. ڪوشش ڪجي ته هر سبق ساڄي پاسي واري صفحي کان شروع ٿئي ۽ مشقن سوڌو کاٻي پاسي واري صفحي تي ختم ٿئي.
7. درسي متن جي ٻولي معياري هجي جيڪا روزمره جي ڳالهه ٻولهه ۽ عملي گهرجن جي ويجهو هجي ان ۾ متروڪ لفظن، ڏکين ترڪيبن ۽ غير مستعمل محاورن کان پاسو ڪيو وڃي، جن جو نصابي گهرجن سان لاڳاپو نه هجي.
8. درسي ڪتاب لکڻ لاءِ سنڌي ٻوليءَ جو معياري لهجو ڪتب آڻجي. سنڌي ٻوليءَ جو لغوي ذخيرو درجيوار استعمال ڪجي.
9. سبقن جي چونڊ دوران، سنڌ جي ديني، تعليمي، علمي، ادبي، تاريخي ۽ سماجي شخصيتن کي به شامل ڪيو وڃي ۽ سنڌ جي مشهور تاريخي ماڳن، مڪانن ۽ جاگرافيائي اهميت وارن شهرن بابت ڀرپور معلومات ڏيڻ گهرجي.
10. ڪتابن ۾ سبقن جي ڏاڪي به ڏاڪي اوسر هئڻ گهرجي يعني پهريون سبق سولو ۽ آخري سبق ڏکيو هجي.
11. سبق جي شروعات ۾ 'سکيا جي حاصلات' هڪ چوکنڊي ۾ ڏني وڃي ۽ سبق ۾ شامل لفظ ۽ مختصر تدريسي هدايتون شامل هجن. سبق جي طويل متن کي ڪيترن ئي پيراگرافن ۾ ورهائي سگهجي ٿو. جن جي وچ ۾ ڏي وٺ واريون مشقون (Interactive Exercises)، عملي مشقون (Applied Excercises) ۽ سوال وغيره ڏئي سگهجن ٿا.
12. ڪتاب ۾ نظم مختلف سبقن ڪانپوءِ وقفي وقفي سان ڏيڻ گهرجن.
13. ڪتاب نسخ خط ۾ هجي، ڪمپوزنگ معياري ۽ غلطين کان پاڪ هجي. لفظن جي پاڙ ۾ وٿي هڪ جيتري هئڻ گهرجي.
14. ڏکين لفظن ۽ ترڪيبن تي اعرابون ضرور ڏنيون وڃن، ضرورت آهر شد ڏني وڃي، البته زير ۽ پيش ضرور ڏنا وڃن. سنڌيءَ ۾ جزم ڏيڻ ضروري نه آهي.
15. هر سبق ۾ بيهڪ جي نشانين جو خاص خيال رکيو وڃي.
16. متن سان ٺهڪندڙ مناسب هنڌن تي واضح تصويرون ۽ خاڪا پڻ شامل ڪيا وڃن، جيڪي رڳو ناهه نوهه لاءِ نه هجن بلڪ سبق ۾ ڏنل تصورن جي تدريس ۾ استعمال ٿين.
17. ڪتاب ۾ انسانيت جي احترام، رواداري، سماجي هم آهنگي ۽ پر امن بقاءِ باهمي کي فروغ ڏيڻ وارو مددگار مواد شامل ڪيو وڃي.
18. متن ۽ مشقي سوالن ۾ سياسي، مذهبي، لساني، علائقائي، صنفي ۽ سماجي تعصب کان پاسو ڪيو وڃي.
19. متن ۾ مثال ڏيڻ وقت ان ڳالهه جو خاص خيال رکيو وڃي ته ڏنل مثال آس پاس جي ماحول بابت ۽ دلچسپ هجن.

20. بنيادي مهارتون (ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ) سبقن جي ذريعي سيکارڻ گهرجن. مهارتن کي حاصل ڪرڻ لاءِ انفرادي، جوڙن ۽ گروهي نوعيت جون سرگرميون شامل ڪيون وڃن ۽ اهڙيون سرگرميون ترتيب ڏنيون وڃن، جن جو مرڪز ٻار هجي.

21. مشقي سرگرميون، شاگردن جي ذهني سطح کي آڏو رکي وڌ ۾ وڌ ڏنيون وڃن. مشقي سوالن ۾ مختلف قسمن جي سوالن کي جوڳي نمائندگي ڏني وڃي. مثال طور: تفهيمي، لساني، اضافي مطالعي، تخليقي سگهه کي اجاگر ڪرڻ وارا سوال ۽ اعلىٰ درجن جي حاصلات جي ڪوشش کي يقيني بنايو وڃي، سوالن ۾ معروضي سوال به هجن.

22. ڪتاب جي ليکڪن جي ڪاميٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي نصابي ڪاميٽيءَ جي نمائنده رڪنن کي به شامل ڪيو وڃي.

23. درسي ڪتاب جي تياريءَ کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي نصابي ڪاميٽيءَ جي رڪنن ۽ ليکڪن جو گڏيل اجلاس ڪوٺايو وڃي، جنهن ۾ لکندڙن کي نصاب جي گهرجن کان پوريءَ ريت آگاهه ڪيو وڃي ته جيئن سنڌي ٻوليءَ جي تدريسي مقصدن جو پورائو ٿي سگهي. ان ۾ اهڙن استادن کي به شامل ڪيو وڃي جيڪي لاڳاپيل سطح جو تدريسي تجربو رکندا هجن ۽ درسي سبقن جي تياري ڏانهن هدايتن پٽاندر ڪري سگهن.

24. ڪتاب جي آخر ۾ الف - ب وار لغت هئڻ گهرجي.

25. ڪتاب ۾ شامل ليکڪن جا نالا ۽ نظم جي شاعر جو نالو متن جي آخر ۾ ڏيڻ گهرجي.

26. ڪنهن غير معروف ۽ اڻڄاتل شاعر يا ليکڪ جي تحرير يا ڪلام هرگز شامل نه ڪيو وڃي. نموني طور شامل ٿيندڙ متن کان سواءِ ٻين متنن تي ليکڪن جو نالو نه ڏنو وڃي، ڇو ته اهڙا متن تياريءَ جي ڪيترن ئي مرحلن مان لنگهن ٿا.

## تجويز ڪيل تدريسي حڪمت عمليون (Teaching Strategies)

سنڌي نصاب 2018ع کي، ٻوليءَ جي جديد اصولن موجب مرتب ڪيو ويو آهي. هن نصاب جي اها گهرج آهي ته شاگردن کي ٻوليءَ جي مختلف سرگرمين ذريعي ٻوليءَ جي سکيا واري عمل ۾ شامل ڪجي. استادن ۽ تربيتي ادارن کي ان ڳالهه جو خيال رکڻو پوندو ته اهي نه رڳو ٻوليءَ جي سکيا وارن جديد طريقن کان واقف هجن، بلڪه انهن کي استعمال ڪرڻ جي قابليت به رکندا هجن.

ابتدائي/ پرائمري ڪلاسن ۾ استادن کي هڪ مثالي استاد جي حيثيت سان آڏو اچڻ گهرجي ته جيئن شاگردن کي اهڙيون سموريون سهوليتون مهيا ڪري، جن سان انهن کي بنيادي مهارتون (ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ) سکڻ ۾ مدد ملي. موجوده دور ۾ ٻوليءَ جي تدريس جا جيڪي آزمايل طريقا سڄي دنيا ۾ ڪم آندا وڃن ٿا، تن جو خلاصو استادن جي سهوليت لاءِ هيٺ ڏجي ٿو. سبقن جي تياريءَ وقت استاد هيٺ ڏنل طريقن کي پنهنجي روزاني تدريسي سرگرمين جو حصو بڻائين.

### ڳالهه ٻولهه

ڳالهه ٻولهه (ڳالهائڻ ۽ ٻڌڻ) ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن مان آهي. استاد، ٻڌڻ ۽ ڳالهائڻ جي سرگرمين کي معنىٰ دار ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ هيٺين نڪتن تي ڌيان ڏين:

- سرگرميون/ سوالَ/ مشقون شاگردن جي ذهني سطح مطابق هجڻ گهرجن.
- شاگردن کي مختلف طريقن سان، پنهنجي جاڻ جي اظهار ڪرڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي ۽ کين پنهنجيءَ رفتار سان سکڻ جو موقعو ڏيڻ گهرجي. سست شاگرد اڳتي هلي تيزيءَ جو مظاهرو ڪري سگهن ٿا، ان لاءِ انهن جي خاموش هجڻ کي تسليم ڪيو وڃي ۽ ڳالهائڻ تي سندن حوصله افزائي ڪئي وڃي.
- جيڪڏهن ڪنهن شاگرد کان ڪا غلطي ٿي وڃي ته ان کي هيسائڻ بجاءِ همتائجي ۽ ٻئي شاگرد کان يا خود استاد (ضرورت موجب) مثبت انداز ۾ اصلاح ڪري ته جيئن شاگردن ۾ ٻولي سکڻ جو جذبو ۽ پنهنجي غلطيءَ جي اصلاح ڪرڻ جي سگهه پيدا ٿئي.

ڳالهه ٻولهه وقت شاگردن کي هڪٻئي جي ويجهو دائري جي شڪل ۾ ويهاري سگهجي ٿو ته جيئن هو هڪٻئي کي ٻڌي ۽ ڏسي به سگهن.

### لفظن جي راند

سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي ذخيري وڌائڻ جون مختلف تدريسي تدبيرون آهن، جن مان ڪجهه هيٺ ڏجن ٿيون:

- لفظ جي آخري اکر سان نئون لفظ ناهڻ، مثلاً: پنهنجي نالي جي آخري اکر سان ڪو صفت جو لفظ ٻڌائڻ، جيئن: منهنجو نالو: پارس آهي ۽ مان سهڻي آهيان. هن ۾ پارس نالي جو آخري اکر 'س' آهي ۽ ان سان جڙندڙ صفت 'سهڻي' آهي.
- مختلف لفظن يا اکرن تي مشتمل فلئش ڪارڊ استعمال ڪيا وڃن، جن مان موضوع بابت لفظ چوندي سگهجن، نوان لفظ جوڙڻ، مرڪب لفظ ناهڻ، لفظن جي مدد سان آکاڻي ترتيب ڏيڻ وغيره.
- سوالن تي ٻڌل ڪسوٽيءَ واري راند کيڏڻ: ڪنهن شخصيت يا ماڳ مڪان کي سوالن ذريعي معلوم ڪرڻ. جنهن جو جواب 'ها' يا 'نه' ۾ هجڻ گهرجي.

- يادگيريءَ واري راند، جيئن ڪا ڏکي  فهرست ياد رکڻ، هڪ منٽ تائين مختلف شيون ڏسڻ، پوءِ يادگيريءَ سان ٻڌائڻ ته ڪهڙيون شيون ڏٺيون هيون.
- پرولين جي درست جوابن جي چونڊ، ڳجهارت، ذهني/ معلوماتي آزمائش وغيره.

## سوال پڇڻ (Questioning)

ٻوليءَ جي تدريس ۾ سوال پڇڻ هڪ اثرائتي سرگرمي آهي، چاڪاڻ ته هڪ معياري سوال سان نه رڳو شاگرد جي سوچ جو معيار ۽ تخيل جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، بلڪ سوال جي نوعيت موجب بهتر انداز ۾ شاگرد کان معياري جواب ملڻ ممڪن آهي. استادن کي گهرجي ته سوالَ ترتيب ڏيڻ وقت هيٺ ڏنل نڪتن جو خيال رکن:

- ها، نه ۽ هڪ لفظ تي مشتمل سوال رڳو نه پڇڻ گهرجن پر سوالن ۾ وڌيڪ سبب وارا سوال پڻ پڇيا وڃن، جن ۾ ڇو، ڇا، ڪيئن وغيره جهڙا سوال به هجن. مثلاً: توهان کي ڪهڙي راند/ موسمَ/ ميوو پسند آهي ۽ ڇو؟گهٽ ۾ گهٽ اهڙا سوال پڇيا وڃن، جن ۾ شاگردن کي جملن ۾ پنهنجي راءِ ڏيڻي پوي.
- بلومز ٽيڪسانومي (Bloom’s Taxonomy) جي درجن موجب هر سطح جا سوال تيار ڪرڻ گهرجن.
- سوالن کي سمجهڻ ۽ جواب ڏيڻ لاءِ شاگردن کي مناسب وقت ڏيڻ گهرجي. مشاهدو، مليل معلومات کي ڪم آڻڻ ۽ نتيجن ڪڍڻ جي حوصلا افزائي ڪئي وڃي.
- شاگرد جيڪو چوڻ گهرن، انهن کي ان  جي آزادي هجي. غلط جواب جي صورت ۾ ٻين شاگردن کان پڇي سگهجي ٿو يا خود استاد رهنمائي ڪري سگهي ٿو. اهو عمل اهڙي انداز سان ڪيو وڃي، جو شاگرد جي اعتماد کي ڌڪ نه رسي.
- اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي جو شاگرد خود سوال ترتيب ڏين ۽ پنهنجن ساٿين کان پڇن.

## فڪري تحرڪ (Brainstorming)

شاگردن جو ذهن اڀارڻ هڪ اهڙي تدبير آهي، جنهن موجب ڪنهن عنوان تي شاگردن جا خيال ۽ معلومات ڄاڻي، ان عنوان تي معلومات فراهم ڪئي ويندي آهي. جڏهن به ڪو نئون سبق پڙهائڻو هجي ته پهرين ان موضوع بابت استاد، شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪري ۽ ان موضوع بابت ڪين هڪ ٻن جملن ۾ خيال پيش ڪرڻ لاءِ چئي مثلاً: پيشي، موسم يا نظم جي مرڪزي خيال بابت پڇڻ وغيره، سڀني شاگردن جي حوصلا افزائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهي هن سرگرميءَ ۾ شامل ٿين. سڀ ڏنل جواب بورڊ تي لکي، شاگردن کي شامل ڪندي، ان بابت تجزيو ڪرايو وڃي.

## ذهن/ تصور جاچڻ (Mind/ Concept Mapping)

شاگردن جي مدد ڪئي وڃي ته ڄاڻايل عنوان تي پنهنجن خيالن کي ذهن ۾ ڪيئن ترتيب ڏين. ڪهڙي ڳالهه پهرين ۽ ڪهڙي پوءِ رکڻي يا لکڻي آهي، جيئن: ڪنهن مضمون لکڻ لاءِ ان جي اهم نڪتن بابت لکڻ ۽ متن جي اهم نڪتن جو جائزو وٺي ان کي پيش ڪرڻ وغيره.

## اڳڪٿي (Prediction)

هن طريقه ڪار هيٺ شاگردن کي غور ۽ فڪر جي دعوت ڏئي، انهن جي تخليقي صلاحيتن کي اڀاريو ويندو آهي، جيئن:

- شاگرد، غور ڪري ڪنهن آکاڻيءَ جي پُڄاڻي ٻڌائي سگهن.
- ڪنهن سوال جي جواب يا نتيجي جو اڳواٽ اندازو لڳائي سگهن.

- تصوير/ واقعي يا ڪنهن ڪتاب جو سرورق ڏسي، آکاڻي/ عنوان جي اڳڪٿي ڪري سگهن.
- واقعي ۽ ڪردار بابت اڳڪٿي ڪري ٻڌائي سگهن.

## ڪلاس جو گڏيل بحث مباحثو (Whole Class Discussion)

ڪلاس جو گڏيل بحث مباحثو هڪ ڪارائتو طريقو آهي، جنهن ذريعي ٿوري ئي وقت ۾ پوري ڪلاس کي سرگرم ڪري سگهجي ٿو. سبق جي شروع ۾ جڏهن ڪنهن نئين سبق جي شروعات ڪرڻي هجي يا سبق پڙهائڻ بعد اندازو لڳائڻو هجي ته جيڪو ڪجهه پڙهايو ويو آهي، ان بابت شاگرد ڪيترو ڄاڻن ٿا، اهڙيءَ صورت ۾ هيءَ سرگرمي مناسب آهي. مثال طور ڪو به عنوان ڏئي، ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرايو وڃي.

## انفرادي، جوڙن ۾ يا گڏجي سرگرميون ڪرائڻ

ڪنهن هڪ يا هڪ کان وڌيڪ سبقن جي پڙهائڻ واري سلسلي ۾، شاگردن جي شرڪت سان هيٺ ڏنل سرگرمين کي استعمال ڪري سگهجي ٿو:

- **انفرادي سرگرمي:** شاگرد کي انفرادي طور سرگرمي ڪرڻ جو موقعو ڏنو ويندو آهي، ته جيئن هو پاڻ کي پُرسڪون ۽ آزاد سمجهي، پنهنجيءَ رفتار سان سکي. اهڙيءَ طرح ان کي پنهنجي ساٿيءَ تي ڀاڙڻ بجاءِ پنهنجي صلاحيتن کي آزمائڻ جو موقعو ملندو. پڙهڻ ۽ لکڻ جي عمل ۾ هن طريقي جو استعمال موزون آهي.
- **جوڙن ۾ سرگرمي:** جوڙن ۾ سرگرمي ڪرڻ سان شاگردن کي شريڪ ٿي ڪم ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ان کان سواءِ انهن ۾ ٻڌڻ، ڳالهائڻ، ۽ ٻولي سکڻ جي صلاحيت واري مشق ۾ اضافو ٿيندو آهي. اهڙيءَ طرح شاگرد پنهنجن ساٿين سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ ۾ لهرائيندا ناهن ۽ شاگردن کي مسئلن جي حل ۽ نتيجن کي حاصل ڪرڻ لاءِ اعتماد سان هڪٻئي جي مدد جو موقعو ملندو آهي ۽ پاڻ تي ڀاڙڻ جي صلاحيت پيدا ٿيندي آهي.
- **گروپ ۾ سرگرمي:** چئن يا پنجن شاگردن کي گروپ ۾ ڪم ڪرڻ جو موقعو به ڏنو ويندو آهي، ائين ڪرڻ سان ڪين پاڻ ۾ آزاديءَ سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. ٻوليءَ جي مهارتن واري سلسلي ۾ مدد پڻ ملندي آهي. انهن کي ٻين جي نظرين جو احترام، پنهنجا خيال پيش ڪرڻ، هڪٻئي جي اصلاح ڪرڻ ۽ خوشگوار ماحول ۾ گڏجي نتيجا حاصل ڪرڻ جو موقعو به ملندو آهي. استاد، سرگرميءَ جي گهرج موجب هڪجهڙن يا مختلف ذهني سطح جي شاگردن جا گروپ ناهي سگهن ٿا. ان ڳالهه جو خيال رکيو وڃي ته هر شاگرد کي شرڪت ڪرڻ جو موقعو ملي.

## تصويري خاڪو (Pictorial Illustration)

هن طريقي ۾ شاگردن کي مختلف تصويرون ڏئي، تصويرن جي منظرنگاري ۽ تصويرن جي مختلف جزن جي وضاحت ڪرائي ويندي آهي. اهڙيءَ طرح شاگردن جي خيالن کي اڀاري سگهجي ٿو. ڪهاڻيءَ جي واقعن جي ترتيب ڏياري سگهجي ٿي.

## گڏجي لکڻ (Group Writing)

شراڪت ۾ لکڻ، هڪ ننڍي گروپ يا پوري ڪلاس ۾ به ٿي سگهي ٿو. هن طريقي موجب استاد، شاگردن جي مدد سان ڪنهن تقريب جو اکين ڏٺو احوال لکي. لکڻ وقت شعوري طور اکرن جي جوڙجڪ، صورتخطي، گرامر، آغاز، مواد، اختتام وغيره جي حوالي سان اهم نڪتن جون غلطيون ڪري ۽ شاگردن کي چئي ته اسان لکڻ ختم ڪري پيهر

ورجائيندا سين، پوءِ شاگردن جي مدد سان غلطين جي نشاندهي ڪندي، لکت کي اصل شڪل ڏئي. هي ڪم ڪنهن ذهين شاگرد جي مدد سان گروپ جي شڪل ۾ به ڪرائي سگهجي ٿو.

## مطالعاتي سير (Field Trip)

هن طريقي موجب مشاهدي ۽ معلومات کي گڏ ڪرڻ لاءِ، شاگردن کي اسڪول اندر يا اسڪول کان ٻاهر مختلف جڳهين تي وٺي وڃي سگهجي ٿو. ان سان شاگردن کي موضوع بابت حقيقي زندگيءَ ۽ پنهنجي ماحول جي مشاهدي بعد معلومات کي گڏ ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. جيئن: جانور، پکي، جيت، ميوا، ڀاڄيون ۽ اهم تاريخي عمارتن بابت معلومات حاصل ڪرڻ لاءِ 'اڀياسي سير' جو اهتمام ڪيو وڃي. ان جي پڄاڻيءَ تي شاگردن کي ڳالهائڻ ۽ لکڻ جون سرگرميون ڪرايون وڃن.

## سروي (Survey)

ڪنهن به موضوع جي حقيقتن ۽ راين کي گڏ ڪرڻ لاءِ سروي ڪيو ويندو آهي. هي ڪم انفرادي، جوڙن ۽ گروپ ۾ به ڪيو ويندو آهي، استاد، حقيقتن ۽ معلومات کي گڏ ڪرڻ لاءِ سوالنامو تيار ڪرائڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪن ۽ ڪم بابت واضح هدايتون ڏين.

## انٽرويو (Interview)

انٽرويو لاءِ ضروري آهي ته شاگردن کان سوال پهريان ئي ترتيب ڏياريا وڃن. ان سان گڏ شاگردن کي اهڙن سوالن لاءِ به تيار ڪيو وڃي جن وسيلي وڌيڪ ڄاڻڻ (Probing) لاءِ پاڻ ئي ضمني سوال ڪري سگهن. ڪلاس ۾ انٽرويو لاءِ فرضي مشقون به ڪرايون وڃن.

## رهنمائيءَ سان پڙهڻ (Guided Reading)

ڪنهن به ڪلاس ۾ پڙهڻ وارا شاگرد هڪجهڙا نه هوندا آهن، انهن جي سکڻ ۽ سمجهڻ جو انداز به مختلف هوندو آهي. شاگرد پنهنجي ذهني قابليت ۽ لياقت آهر پنهنجي رفتار سان سکندا آهن. هيٺ ڏنل طريقن سان شاگردن جي انفرادي ضرورتن جو خيال رکي سگهجي ٿو:

- شاگردن جي تعليمي ضرورتن، ذهني سطح ۽ دلچسپيءَ مطابق اڀياسي مواد چونڊيو وڃي. قابليت جي لحاظ کان شاگردن جا گروپ جوڙيا وڃن، هڪ ئي ڪهاڻي ۽ متن هر گروپ کي ڏنو وڃي ۽ مواد، شاگرد جي قابليت مطابق آسان ۽ ڏکيو ڏنو وڃي. اهڙيءَ طرح تفهيمي سوال به هر گروپ جي تعليمي قابليت مطابق ڏنا وڃن.
- ڪنهن به موضوع تي، جوڙن ۾ پڙهائي اهڙيءَ طرح ڪرائي وڃي جو هڪ شاگرد ٻئي جو مددگار ثابت ٿئي. سمعي ۽ بصري امدادي شين جو استعمال پڻ ڪيو وڃي.
- ڪي شاگرد متحرڪ رهي بهتر ڪارڪردگيءَ جو مظاهرو ڪندا آهن، جڏهن ته ڪجھ شاگرد هڪ ئي جڳهه تي ويٺي اثرائتي ڪارڪردگي ڏيکاريندا آهن. اهڙيءَ طرح شاگرد جي مزاج مطابق اهڙو ماحول پيدا ڪيو وڃي، جيئن هر شاگرد پنهنجي صلاحيت مطابق پڙهڻ واري عمل ۾ ڀرپور حصو وٺي.

## رول پلي ۽ ڊرامو (Role Play and Drama)

رول پلي ۽ ڊرامي ذريعي شاگردن کي اعتماد سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ، مڪالما تيار ڪرڻ ۽ پيشڪش جو موقعو ملندو آهي. پنهنجن دوستن سان گڏجي پيش ڪرڻ ۾ شرڪت جو احساس پيدا ٿيندو آهي ۽ تخيلاتي ۽ تخليقي صلاحيتن جي

نشوونما ٿيندي آهي. استاد موضوع ۽ ڪردارن جي چونڊ ڪرڻ ۾ شاگردن جي مدد ڪن ۽ مختلف مڪالمن، ڳالهائڻ ۽ ادا ڪرڻ ۾ ان جي رهنمائي ڪن. رول پلي ۽ ڊرامي جي عنوانن جي چونڊ شاگردن جي ماحول، مشاهدي ۽ تجربي آهر ڪئي وڃي.

## پراجيڪٽ (Project)

هن طريقي وسيلي شاگردن کي موضوع/ عنوان ڏنو ويندو آهي. انهن کي ڪلاس ۾ يا ڪلاس کان ٻاهر موضوع جي حل ۽ ان جي خاص نڪتن جاچڻ ۽ حل ڪرڻ جو موقعو ملندو آهي. اهڙن موضوعن جي چونڊ ڪئي وڃي، جنهن ۾ ٻوليءَ جي مهارتن جو مناسب استعمال ممڪن هجي. گروپ ۾ شاگردن کان پراجيڪٽ جي مختلف نڪتن تي ڪم ڪرايو وڃي.

## ٽيڪنالاجي (Technology)

ڊجيٽل ٽيڪنالاجي، هن دور ۾ هر فرد جي ضرورت آهي. ڪلاس ۾ اهڙيون سرگرميون ڪرايون وڃن، جن ۾ شاگردن کي موبائيل، ڪئميرا ۽ ويڊيو وغيره مان معلومات گڏ ڪرڻ ۽ استعمال ڪرڻ جو موقعو ملي. اسڪول ۾ جيڪڏهن ڪمپيوٽر ۽ انٽرنيٽ جي سهوليت موجود آهي ته ان مان به فائدو ورتو وڃي.

## تدريسي مددي شيون

ڪامياب ۽ دلچسپ تدريس لاءِ سمعي ۽ بصري (ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان واسطو رکندڙ) شين جي اهميت ۽ افاديت مڃي وئي آهي. انهن مددي شين سان تدريسي عمل کي انتهائي اثرائتو، دلڪش ۽ وڻندڙ بڻائي سگهجي ٿو. اسڪول ۾ انهن مددي شين مان مناسب فائدو نٿو ورتو وڃي، جنهن جو وڏو ڪارڻ اهو آهي ته مددي شين جي استعمال سان تدريس/سکيا، وقت ۽ محنت گهري ٿي.

### سمعي ۽ بصري شيون اصل ۾ استاد جا اوزار آهن، جن جي ذريعي هو:

1. ڏنل تصورن جي فهم جي وضاحت ڪري ٿو
2. تعليمي عمل کي دلچسپ بڻائي ٿو
3. شاگردن ۽ شاگرديائڻين کي تعليم ۽ تدريس جي عمل ۾ شريڪ ڪري ٿو
4. تخليقي ۽ تعميري صلاحيتن کي اجاگر ڪري ٿو
5. زبان جي بنيادي مهارتن جي مشقن جا موقعا فراهم ڪري ٿو.

ڪامياب تدريس لاءِ مددي شين جي وڏي اهميت آهي. اسان جي اسڪولن ۾ انهن شين جي کوٽ آهي، ان ڪري سفارش ڪجي ٿي ته:

1. اسڪولن ۾ مددي شين جي ڪٽ تيار ڪئي/ مهيا ڪئي وڃي ۽ استادن کي انهن جي استعمال کان واقف ڪيو وڃي. استاد لاءِ ضروري آهي ته هو آسپاس جي شين مان ڏسڻ ۽ ٻڌڻ سان واسطو رکندڙ مددي شين جواستعمال ڪري. جيئن ته اسان جو ملڪ گهٽي خرچ جو بار سهي نٿو سگهي، ان ڪري ضروري آهي ته تربيتي ادارن ۾ استاد تربيت وٺندي، هٿ جي ڪم ۾ مهارت حاصل ڪن ۽ گهٽيون مددي شيون، بنا خرچ واريون پاڻ تيار ڪن ۽ شاگردن کان به تيار ڪرائين.

2. شاگردن کي صحيح اُچار، لهجي سيکارڻ لاءِ جديد ٽيڪنالاجيءَ جو پڻ استعمال ڪري سگهجي ٿو. مثالي خواندگي اُچار ۽ بين لساني مشقن کي بهتر بڻائڻ لاءِ اسڪولن کي انهن مددي شين مان لاڀ پرائڻ جو موقعو ضرور ڏيڻ گهرجي. درسي ڪتابن ۾ ريڊيو ۽ ٽي - وي انٽرنيٽ جي نشريات ٻڌڻ ۽ ڏسڻ ۽ اُن تي تبصري ۽ ڳالهه ٻولهه جون مشقون ۽ هدايتون شامل ڪيون وڃن.

## سنڌي زبان جي سکيا لاءِ هيٺيون مددي شيون مناسب رهنديون

1. پٽي / ڦرهي
2. چوندا بيتن/ نظمن جا چارٽ
3. پرولين ۽ قولن جا چارٽ / ڪارڊ
4. نظمن ۽ آکاڻين جا ننڍڙا ڪتاب
5. مختلف پئراگرافن جا چارٽ
6. لطيفن ۽ سفرنامن جا ننڍڙا ڪتاب
7. ٻاراڻا رسالا ۽ مخزنون
8. ادبي، تاريخي ۽ قومي شخصيتن جون تصويرون
9. گرامر جا چارٽ ۽ ماڊل وغيره
10. نظمن ۽ آکاڻين جون سي ڊيز
11. ٻارن لاءِ ڇپايل باتصوير ڊڪشنريون

# استادن جو رهبر

دنيا جي سمورن ترقي يافته ملڪن ۾ درسي ڪتابن سان گڏوگڏ 'استادن جو رهبر' به ڇپيو ويندو آهي، ته جيئن تدريس کي بهتر بنائڻ ۾ استادن جي مدد ڪري سگهجي. نئين تعليمي پاليسيءَ ۾ نصاب جي تبديليءَ سان گڏوگڏ 'استادن جو رهبر' به ضروري آهي. استادن جي رهبر جو مقصد اهو هرگز نه آهي ته اُستاد کي اُن ڪتاب جو پابند بنائي، سندس ذهني صلاحيتن کي مفلوج ڪري ڇڏجي، بلڪ هي ڪتاب رڳو واٽ جي لاٽ آهي، منزل نه آهي. موقعي مهل جي لحاظ کان تدريس دوران استاد، اُن مان مدد ۽ رهبري حاصل ڪري سگهي ٿو.
درسي ڪتابن کي صحيح طريقي سان پڙهائڻ لاءِ 'استادن جو رهبر' جو خاص طور بندوبست ڪيو وڃي. استادن جي رهبر جا مقصد هيٺ ڏنل آهن. لکندڙن لاءِ لازم آهي ته 'استادن جو رهبر' جوڙڻ مهل، انهن کي آڏو رکن:

1. تعليم جي عام مقصدن ۽ هر ڪلاس جي خاص مقصدن کان واقف ڪيو وڃي.
2. استادن کي اها ڄاڻ هجي ته ڪنهن خاص سبق کي ڪهڙي مقصد ۽ مهارتن جي حاصلات لاءِ نصاب ۾ شامل ڪيو ويو آهي.
3. استاد هر سبق جي تياري، ان جي پنهنجي خاص ۽ عام مقصدن کان وٺي 'سکيا جي حاصلات' ۽ 'جائزي' تائين سولائيءَ سان ڪري سگهي.
4. لساني سرگرمين ۾ پيش ايندڙ ڏکيائين جو حل ٻڌايو وڃي.
5. لغت، اُچار، تلميحن، پهاڪن / چوڻين وغيره جي مڪمل ڄاڻائي ڪئي وڃي.
6. استادن کي، ٻڌڻ ۽ ڏسڻ سان واسطيدار مددي شين جي صحيح استعمال کان واقف ڪيو وڃي .
7. درسي ڪتاب ۾ شامل تصويرن جي تدريسي ضرورتن کان واقف ڪيو وڃي.
8. شاگردن جي حافظي جي سگهه، فڪر ۽ تخيل کي متحرڪ ڪرڻ لاءِ Interactive سوال ڏنا وڃن.
9. عملي گرامر جا اصول تفصيل سان بيان ڪيا وڃن، جيئن معلوم ٿي سگهي ته محض مجرد تعليم بدران انهن کي لساني مهارتن ۾ ڪيئن ڪم آڻي سگهجي ٿو.
10. مضمون نويسي (Essay Writing) ۽ تخليقي سرگرمين جي اصلاح لاءِ مناسب ۽ عمل جوڳن طريقن جي نشاندهي ڪئي وڃي.
11. اُچارن جي اصلاح لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن، جن ۾ اعرابن جو اهتمام، ٻڌڻ جون مددي شيون وغيره اهم آهن.
12. صحيح اُچار ۽ مناسب رفتار سان بلند آواز ذريعي پڙهڻ جي سکيا ڏني وڃي.
13. عام قسم جي غلطين کي سڌارڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن.
14. مثالي پڙهڻ، تدريس ۽ تفهيم ۾ ڳانڍاپي پيدا ڪرڻ لاءِ اُپاءَ ورتا وڃن.
15. استادن جو رهبر لکڻ وقت سنڌي ٻوليءَ جي 'معيارن'، مرحليوار حدن' ۽ 'سکيا جي حاصلات' کي ضرور آڏو رکيو وڃي.

## جائزي لاءِ حڪمت عمليون (Assessment Strategies)

ٻوليءَ جي مهارتن جي تدريسي ڪاميابيءَ جو جائزو وٺڻ تمام ضروري آهي. جائزو فوري ۽ مُدي وار به ٿيندو آهي، پر جائزي ۾ ٻارن جي انفراديت، تخليقي صلاحيت، اظهار، ابلاغ جي صحت ۽ رواني‍ءَ کي آڏو رکڻ ضروري آهي. جائزي ذريعي استاد ۽ شاگرد ٻنهي جي بهتريءَ لاءِ ڄاڻ فراهم ڪئي ويندي آهي. جائزي ذريعي شاگردن جي قابليت جي معيار بابت ڄاڻ حاصل ڪري سگهجي ٿي.

هيءُ نصاب، شاگردن جي ياداشت کي پرکڻ بدران ٻوليءَ جي استعمال کي جاچڻ تي وڌيڪ اهميت ڏئي ٿو. هن نصاب ۾ ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن سان گڏ ٻوليءَ جي ٻين مهارتن کي استعمال ڪندي، اضافي مطالعي جي مواد کي پڙهي، سمجهي ۽ ان کي استعمال ڪرڻ جي صلاحيت تي وڌيڪ زور ڏنو ويو آهي.

جائزي کي سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل کان ڌار نٿو ڪري سگهجي. ان جو سڀ کان اهم مقصد شاگردن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر بنائڻ آهي. جائزو، شاگردن جي حاصل ڪيل مهارتن جي خوبين ۽ خامين کي جاچڻ ۾ مدد ڪندو آهي. جائزو استادن کي ان قابل بنائيندو آهي ته هو ڄاڻي سگهن ته تدريس جا مقصد ڪيتري حد تائين حاصل ٿي رهيا آهن. انهن جي نتيجن جي بنياد تي اُهي پنهنجي تدريسي طريقن کي بهتر ڪري سگهن ٿا. جائزي ۾ شاگردن جي ٻوليءَ جي بنيادي مهارتن (ٻڌڻ، ڳالهائڻ، پڙهڻ ۽ لکڻ) جي جاچ لاءِ مختلف حڪمت عمليون استعمال ڪيون وينديون آهن. سنڌي ٻوليءَ جي تدريس جي امتحان ۾ گهٽ ڪري ڳالهه ٻولهه ۽ تقريري صلاحيتن جي جائزي وٺڻ جو جوڳو بندوبست نه ٿو ڪيو وڃي. ان حقيقت کان انڪار نه ٿو ڪري سگهجي ته ٻوليءَ ۾ ڳالهه ٻولهه ۽ تقرير کي بنيادي اهميت حاصل آهي، پر انهن جي امتحان نه هئڻ ڪري استاد انهن جي سکيا تي جوڳو ڌيان نٿا ڏين. ان لاءِ تقرير ۽ ڳالهه ٻولهه جي جاچ کي امتحان جو حصو بنايو ويو آهي ته جيئن شاگردن جي اُچار، لهجي، رواني‍ءَ، بيان جي حُسن ۽ خطابت کي جاچي سگهجي. درسي ڪتاب جي سبقن جي مشقن ۾ ان پهلوءَ جو به بندوبست ڪيو وڃي. مشقن ۾ ڪجهه مهارتون معروضي آزمائش جي مدد سان جانچيون وڃن ۽ ڪجهه موضوعي جوابن وسيلي، ڪجهه مهارتن کي جاچڻ لاءِ عملي سرگرميون ڏنيون وڃن.

شاگردن جي قابليت ڄاڻڻ جا ڪيترائي قسم آهن. جيئن سکيا جي دوران جاچ (Formative Assessment)، مجموعي سکيا جي جاچ (Summative Assessment) وغيره.

## سکيا جي دوران جاچ (Formative Assessment)

تدريس دوران جاچ ۾ اهڙا رسمي ۽ غير رسمي طريقا شامل ڪيا وڃن، جيڪي استاد، سکڻ ۽ سيکارڻ جي عمل دوران استعمال ڪندو آهي ته جيئن تدريسي طريقن ۾ تبديلي ڪري شاگردن جي ڪارڪردگيءَ کي بهتر ڪري سگهجي. جاچ جو هيءُ طريقو استادن کي ان قابل بڻائيندو آهي ته شاگردن کي هڪ واضح حاصل ٿيندڙ هدف تائين پهچائي سگهي.

## مجموعي سکيا جي جاچ (Summative Assessment)

مجموعي يا اختتامي جاچ مخصوص مدي دوران (سبق جي پڄاڻي، هفتيوار، ماهوار، ٽه ماهي، ڇهه ماهي ۽ ساليانو) ورتي ويندي آهي، جنهن جو مقصد شاگردن جي تعليمي ڪارڪردگي ۽ مهارتن جي حاصلات جي پرک ڪرڻ آهي. ان لاءِ آزمائشي پرچا تيار ڪيا ويندا آهن.

سکيا دوران ۽ مجموعي/ اختتامي جاچ جي تياري ۾ هيٺ ڏنل ڳالهين کي ڌيان ۾ رکجي.

- ڏنل 'سکيا جي حاصلات' کي آڏو رکي آزمائش تيار ڪئي وڃي.
- تفهيم ۽ گرامر جي جاچ لاءِ درسي ڪتاب جو يا ٻيو ڪو متن ڏنو وڃي ۽ ان مان ئي تفهيم ۽ گرامر جا سوال تيار ڪيا وڃن. سوالن ذريعي متن مان ئي گرامر جا تصور به جاچي سگهبا.
- ٻوليءَ جي مهارتن ۾ شاگردن جي ڪارڪردگي جاچڻ لاءِ زباني ۽ تحريري آزمائشون تيار ڪيون وڃن، ۽ انهن آزمائشن ۾ موضوعي ۽ معروضي سوال خاص تناسب سان شامل ڪيا وڃن.
- آزمائش سان گڏوگڏ جاچ لاءِ معيار ۽ ريوبرڪ (Rubric) به ضرور تيار ڪئي وڃي ته جيئن انصاف سان هر شاگرد جي ڪارڪردگيءَ جي پروڙ پئجي سگهي.
- مشقي سرگرميون، شاگردن جي ذهني سطح کي آڏو رکي وڌ ۾ وڌ ڏنيون وڃن. مشقي سوالن ۾ مختلف قسمن جي سوالن کي جوڳي نمائندگي ڏني وڃي. مثال طور: تفهيمي، ترغيبي، لساني، اضافي مطالعي ، تخليقي سگهه کي اجاگر ڪرڻ وارا سوال ۽ اعليٰ درجن جي حاصلات جي ڪوشش کي به يقيني بڻايو وڃي، سوالن ۾ معروضي سوال به هجن، جن ۾ متبادل جوابن وارن سوالن جو چڱو تعداد هجي. سوال ترتيب ڏيڻ وقت بلوم ٽيڪسانامي (Bloom's Taxanamy) کي ضرور آڏو رکيو وڃي.
- آزمائش ترتيب ڏيڻ وقت سوالن ۾ ٻولي سادي ۽ سولي استعمال ڪئي وڃي، سوالن جي ترتيب آسان کان مشڪل لفظن ڏانهن هجي.
- درسي ڪتاب ۾ ڏنل مشقي سوالن وسيلي به شاگردن جي سکيا جي حاصلات کي جاچي سگهجي ٿي. مشقون شاگردن جي ذهني سطح مطابق هجن ۽ تدريسي عمل ۾ انهن جو عملي مشاهدو، تجربو ۽ مظاهرو ڪيل هجي.
- جائزي وٺڻ وقت ان ڳالهه جو خاص طور خيال رکجي ته 'معيار'، 'مرحليوار حد' ۽ جيڪي 'سکيا جي حاصلات' مقرر ڪيا ويا آهن انهن مطابق ئي جائزو ورتو وڃي.

## سوالن جا قسم

1. **معروضي سوال: (Objective Questions)**

هن قسم جي سوالن ۾ هڪ سوال لاءِ گهڻن جوابن مان، شاگردن کي درست جواب چونڊڻو پوندو آهي. يا وري خال پريو، متبادل جوابن وارا سوال جواب، غلط ۽ درست فقرا، ليڪ وسيلي ملائڻ، ڳولڻ، مختصر سوالن جا جواب، گرامر جنهن ۾ واحد-جمع، مؤنث- مذڪر، لفظ ۽ انهن جا ضد وغيره شامل آهن.

2. **موضوعي سوال: (Subjective Questions)**

موضوعي سوالن جي جوابن کي شاگرد پنهنجن لفظن ۾ پاڻ ناهي تفصيل سان لکندا آهن. ان قسم جي سوالن کي جاچڻ لاءِ معياري ريوبرڪ (Rubric) تيار ڪئي ويندي آهي. جنهن ۾ تفهيمي سوال- جواب، مرڪزي خيال، خلاصو لکڻ، تشريح ڪرڻ، مضمون لکڻ، درخواست لکڻ، خط لکڻ، ڪهاڻي لکڻ، جملا ناهڻ، فرق ڪرڻ ۽ راءِ ڏيڻ وغيره شامل آهن: جن کي جاچڻ لاءِ جواب ۾ ڏنل متن، طوالت، ربط، صورتخطي، بيهڪ جي نشانين ۽ گرامر جي درست استعمال وغيره کي به جاچجي.

# سنڌي ٻوليءَ جي نصاب (پهرئين کان پنجين ڪلاس تائين) ۾ درسي ڪتابن جي جائزي واري ماهرن جي ڪاميٽي

| نمبر | نالو | عهدو | ڪميٽي ۾ عهدو |
|---|---|---|---|
| .1 | پروفيسر ڊاڪٽر غلام علي الانا | اڳوڻو وائيس چانسلر، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو | چيئرمين |
| .2 | ڊاڪٽر عبد الغفور ميمڻ | چيئرمين، سنڌي لينگويج اٿارٽي، حيدرآباد | ميمبر |
| .3 | ڊاڪٽر نور افروز خواجا | اڳوڻي ڊين، فيڪلٽي آف آرٽس / سربراھ شعبو سنڌي، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو | ميمبر |
| .4 | ڊاڪٽر محمد علي مانجهي | پرنسپال، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، ٺٽو | ميمبر |
| .5 | ڊاڪٽر الطاف جوکيو | اسسٽنٽ پروفيسر، گورنمينٽ ڊگري ڪاليج، ڪنڊيارو | ميمبر |
| .6 | سيد غلام اڪبر شاھ | ريٽائرڊ پروفيسر، فيڪلٽي آف ايجوڪيشن، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو | ميمبر |
| .7 | محترم تحسين ڪوثر انصاري | سبجيڪٽ اسپيشلسٽ، پي.اِي.سي.اِي، ڊي.سي.اي.آر، ڄام شورو | ميمبر |
| .8 | محترم دلشاد احمد ڏيٿو | چيف انسٽرڪٽر، گورنمينٽ نارمل ڊرائنگ ٽيچرس ٽريننگ سينٽر، حيدرآباد | ميمبر |
| .9 | محترم عزيزالله پنهور | ورڪنگ ٽيچر، پي.ايس.ٽي، گورنمينٽ پرائمري اسڪول چوهاڻ ڪالوني، مورو | ميمبر |
| .10 | محترم ناهيد شاھ | ورڪنگ ٽيچر، ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ ماڊل اسڪول، يونيورسٽي آف سنڌ، ڄام شورو | ميمبر |
| .11 | محترم ذوالفقار ڀهڻ | اسسٽنٽ پروفيسر، جي.اِي.سي.اِي، لياري، ڪراچي | ميمبر |
| .12 | محترم محمد ادريس جتوئي | ڊپٽي ڊائريڪٽر (سنڌي)، ڪريڪيولم اسيسمينٽ اينڊ ريسرچ، ڄام شورو | سيڪريٽري |

| Technical Support by: | | |
|---|---|---|
| .1 | عامر لطيف صديقي | سينئر ڪوآرڊينيٽر پاليسي ائينڊ سسٽم، پاڪستان ريڊنگ پروجيڪٽ |
| .2 | ماريه سومرو | پروگرام آفيسر پاليسي ائينڊ سسٽم، پاڪستان ريڊنگ پروجيڪٽ |
| .3 | ڊاڪٽر تجمل حسين شاھ | ڪنسلٽنٽ، پاڪستان ريڊنگ پروجيڪٽ |
| .4 | محسن تيجاڻي | ڪنسلٽنٽ، پاڪستان ريڊنگ پروجيڪٽ |